ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ڪي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 26 نومبر 2025ع 04 جمادي الثاني 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 وپيا شمارو (103)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

بنون ۾ فتنہ الخوارج خلاف سيڪيورٽي فورسز جو ڪامياب آپريشن، 22 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز ضلع بنون ۾ خوارج (فتنہ الخوارج) سان تعلق رکندڙ ڀارتي حمايت يافتہ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڳجهي معلومات جي بنياد تي آپريشن ڪيو

خوارج جي ٺڪاڻن کي اثرائتي انداز ۾ نشانو بڻايو ويو، شديد فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ 22 خوارجين کي جهنم پهچايو ويو، علائقي ۾ ڪليئرنس (سينيٽائيزيشن) آپريشن جاري

دهشتگردي جي خلاف جاري مهم، پوري رفتار سان جاري رهندي تہ جيئن ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۽ معاونت حاصل ڪندڙ دهشتگردي جي ناسور جو مڪمل خاتمو ڪري سگهجي: سيڪيورٽي عملدار

سيڪيورٽي فورسز هڪ ڀيرو ٻيهر وقت سر ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪندي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو، جوانن جون اثرائتيون ڪارروايون فخر جوڳيون آهن: وفاقي گهرو وزير

قوم جي حمايت سان پاڪستان مان فتنہ الهندوستان جي ناپاڪ وجود جو مڪمل خاتمو ڪيو پيو وڃي ۽ سندن سهولت ڪارن کي ڪٿي بہ لڪڻ نہ ڏنو ويندو، جوان ملڪ جي دفاع لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن

اسلام آباد (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز ضلع بنون ۾ خوارج (فتنہ الخوارج) سان تعلق رکندڙ ڀارتي حمايت يافتہ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڳجهي معلومات جي بنياد تي آپريشن ڪيو جنهن دوران خوارج جي ٺڪاڻن کي اثرائتي انداز ۾ نشانو بڻايو ويو شديد فائرنگ جي ڏي وٺ
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير جي سعودي عرب جي گهرو وزير سان اهم ملاقات

سيڪيورٽي سهڪار، روهنگيا مسلمانن ۽ تربيتي پروگرامز تي ڳالهيون

رياض (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

افغان حڪومت دهشتگردن خلاف اثرائتيون ڪارروائيون نہ ٿي ڪري، اسان اعلان ڪري پوءِ حملو ڪندا آهيون: پاڪ فوج

پاڪستان جڏهن بہ ڪنهن هنڌ تي ڪارروائي ڪندو آهي تہ کليل طور تي اعلان ڪندو آهي ۽ ڪڏهن بہ سويلين آباديءَ کي نشانو ناهي بڻائيندو، نان ڪسٽم پيڊ گاڏين تي فوري پابندي لڳائي وڃي

دهشتگردي جي ڪيترن ئي واقعن ۾ نان پيڊ ڪسٽم گاڏين جو استعمال سامهون آيو آهي، اسان جي نظر ۾ ڪو سٺو يا خراب طالبان ناهي، سڀني دهشتگردن سان هڪ جهڙو رويو اختيار ڪيو ويندو آهي

پاڪستان هڪ ذميوار رياست آهي، پاڪستان، افغانستان ۾ ڪنهن تازي واقعي ۾ ڪا ڳجهي ڪارروائي ناهي ڪئي ۽ جڏهن بہ ڪو قدم کنيو ويندو آهي تہ ان جو باضابطا طور تي اعلان ڪيو ويندو آهي

پاڪستان، افغان عوام جي خلاف ناهي پر دهشتگردي جي خلاف آهي، ان ڪري مسئلو افغان عبوري حڪومت جي رويي سان آهي جيڪا دهشتگرد گروهن خلاف اثرائتيون ۽ تصديق جوڳيون ڪارروائيون ناهي ڪري رهي

4 نومبر کان هاڻي تائين 206 دهشتگرد مارجي چڪا آهن، ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ 4910 آپريشنز ڪيا ويا، اپگهاتي حملن ۾ ملوث عنصرن ۾ اڪثريت افغان شهرين جي رهي آهي

پاڪستاني عوام ۽ هٿياربند فوج دهشتگردي خلاف متحد آهن ۽ دهشتگردن جو آخري ساهہ تائين پيڇو ڪيو ويندو، ان ڪري هن جنگ لاءِ اندروني ڪمزورين کي بہ ختم ڪرڻ ضروري آهي: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري واضح ڪيو آهي تہ پاڪستان جڏهن بہ ڪنهن هنڌ تي ڪارروائي ڪندو آهي تہ کليل طور تي اعلان ڪندو آهي ۽ ڪڏهن بہ سويلين آباديءَ کي نشانو ناهي بڻائيندو نان ڪسٽم پيڊ گاڏين تي فوري پابندي لڳائي وڃي ڇاڪاڻ تہ دهشتگردي جي ڪيترن ئي واقعن ۾ انهن گاڏين جو استعمال سامهون
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ڊي جي آءِ ايس پي آر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ليفٽيننٽ جنرل فيض حميد جي ڪورٽ مارشل معاملي تي افواهن کان پاسو ڪيو وڃي: آءِ ايس پي آر

اهو هڪ قانوني ۽ عدالتي عمل آهي ان ڪري ان تي قياس آرائين کان پاسو ڪيو وڃي: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

ليفٽيننٽ جنرل فيض حميد جي معاملي ۾ ڪو حتمي فيصلو سامهون ايندو تہ ان کي باضابطا طور تي عوام اڏو آندو ويندو

ورٽ مارشل جو معاملو افواهن ۽ سوشل ميڊيا جي بيانن جي زد نہ چڙهڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ ان سان ادارن جي ساک متاثر ٿيندي آهي

راولپنڊي (اي پي پي) ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري، اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ ليفٽيننٽ جنرل فيض حميد جي ڪورٽ مارشل بابت خبرن تي رد عمل ڏيندي چيو آهي تہ اهو هڪ قانوني ۽ عدالتي عمل آهي ان ڪري ان تي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان جمهوريہ آذربائيجان جي اقتصاديات واري وزير جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي عورتن تي ٿيندڙ هر قسم جي تشدد ۽ ظلم جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي: بلاول ڀٽو زرداري

عورتن خلاف جسماني، نفسياتي، سماجي، معاشي يا ڊجيٽل تشدد انساني وقار تي حملو ۽ سماج جي اخلاقي ناڪامي آهي

جيستائين عورتون امتيازن ۽ تشدد جو شڪار رهنديون، تيستائين ملڪ ترقي نٿو ڪري سگهي

پارٽي شهيد بينظير ڀٽو جي عورتن جي حقن جي تحفظ واري مشن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عورتن خلاف تشدد جي خاتمي جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي تہ پيپلز پارٽي عورتن خلاف هر قسم جي تشدد، بشمول ڊجيٽل
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي اسپيڪر اياز صادق سان ملاقات

جسٽس راجا انعام امين منهاس جي ٻڌڻي دوران اوچتو طبيعت خراب، اسپتال منتقل

اسلام آباد (اي پي پي) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس راجا انعام امين
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف سان قومي اسيمبلي جي ميمبر شمشير علي مزاري جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان قومي اسيمبلي جي تڪ
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پنهنجي فوج سان گڏ آهي: وزيراعظم

وزيراعظم جي آپريشن دوران 22 دهشتگردن کي مارڻ تي فورسز جي واکاڻ

حڪومت ملڪ مان هر قسم جي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بنون ضلعي ۾ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ دهشتگردن خلاف
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

صوابي ۾ پوليس ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ، 2 دهشتگرد مارجي ويا

دهشتگردن جي قبضي مان هينڊ گرنيڊ، 2 عدد پسٽول ۽ موٽر سائيڪل هٿ

مارجي ويل دهشتگردن جي سڃاڻپ ياسر ۽ سعود الرحمان عرف سريد طور ٿي

پشاور (اي پي پي) صوابي ۾ پوليس ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 2 دهشتگرد مارجي ويا آهن صوابي پوليس ترجمان ٻڌايو تہ سومر ۽ آچر جي وچ واري رات جو دير سان پوليس کي ڏيهاڙي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

جنرل ساحر شمشاد مرزا کي پرڏيهي وزارت پاران آجياڻو

نائب وزيراعظم جنرل ساحر شمشاد مرزا جي اچڻ تي آجيان ڪئي

اسحاق ڊار سندس پيشيوراڻي صلاحيت، قيادت ۽ بي لوث خدمتن کي ساراهيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر شمشاد مرزا جي پرڏيهي وزارت اچڻ تي آجيان ڪئي ۽
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: جنرل ساحر شمشاد مرزا ۽ چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي ملاقات ڪندي

ڪراچي ۾ اربين رپين جا منصوبا جاري آهن، اير ڪيو اير اُنهن ۾ رڪاوٽ وجهي پئي: شرجيل ميمڻ

سڄي ملڪ ۾ مڪاني ادارن کي سڀني کان وڌيڪ بااختيار پيپلز پارٽي بڻايو آهي

اير ڪيو اير وارا گهٽو گوڙ ڪن ٿا تہ اسان لاهور جو مڪاني نظام ڪراچي ۾ آڻڻ لاءِ تيار آهيون

سنڌ سرڪار شهري سهولتن ۽ بنيادي ڍانچي جي ترقي تي ڀرپور نموني ڪم ڪري رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ سڄي ملڪ ۾ مڪاني ادارن کي سڀني کان وڌيڪ بااختيار پيپلز پارٽي بڻايو آهي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي فوج جو جنسي تشدد هٿيار بڻيل آهي: مشعال ملڪ

والاريل ڪشمير ۾ جنسي ڏاڍائي ۽ جنسي تشدد منظم رياستي پاليسي ۽ دهشتگردي آهي

دنيا جا فيمينسٽ نيٽ ورڪس ڪشميري عورتن سان يڪجهتي جو اظهار ڪن

اسلام آباد (اي پي پي) حريت اڳواڻ ياسين ملڪ جي گهرواري مشعال ملڪ چيو آهي تہ ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

عورتن تي تشدد انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي: روبينا خالد

پروگرام عورتن جي تحفظ ۽ بااختياريت لاءِ سرگرم آهي: چيئرپرسن بي آءِ ايس پي

تشدد خلاف آواز اٿارڻ اسان سڀني جي معاشرتي ۽ اخلاقي فرض آهي: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (اي پي پي) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينا خالد چيو آهي تہ عورتن تي تشدد
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير عبدالعليم خان جو اسلام آباد مري ايڪسپريس وي جو دورو

معيار ۽ محفوظ سفر تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪيو ويندو: عبدالعليم خان

نيشنل هاءِ وي اٿارٽي اختيارين، وفاقي وزير کي منصوبي جي اپگريڊيشن بابت آگاهہ ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان اسلام آباد - مري ايڪسپريس وي جو دورو ڪيو ۽ جاري
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايم اين اي صبا صادق پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

نائب وزيراعظم ۽ آذربائيجان جي اقتصاديات واري وزير ميڪائل جباروف وچ ۾ وفدن جي سطح تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ آذربائيجان پاڪستان جي تيل ۽ گئس
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان منصوبابندي واري وفاقي وزيراحسن اقبال جي ملاقات، سياسي صورتحال تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان منصوبابندي واري وفاقي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار پاران آذربائيجان جي اقتصاديات واري وزير ميڪائل جباروف جي آجيان

اسلام آباد (اي پي پي) آذربائيجان جو اقتصاديات وارو وزير ميڪائل جباروف
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پ پ جمهوري نظام خلاف ڪردار ادا ڪيو، 27 هين آئيني ترميم کي رد ڪريون ٿا: مولانا فضل الرحمان

سڀ کان پهرين بنيادي مسئلي کي ڏسڻ گهرجي، هڪ سال اڳ 26 هين آئيني ترميم پارليامينٽ ۾ آندي وئي

حڪومت عدليہ کي مڪمل طور تي پنهنجي ماتحت ڪرڻ چاهي ٿي، پر اسان آئين جي تحفظ جو قسم کنيو آهي

ترميم پاس ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ سڀني کي اعتماد ۾ ورتو وڃي، 27 هين ترميم ۾ هڪ تاحيات ڇوٽ ڏني وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ ف) جي سربراهہ
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڀارتي وزير دفاع جو سنڌ بابت بيان سندن سفارتي ناڪامي ۽ تاريخي جهالت آهي: مرتضيٰ وهاب

راج ناٿ سنگهہ جا الزام علائقي ۾ جاري ڀارتي پروپيگنڊا جو واضح اظهار آهن

برصغير ۾ اسلام جو پهريون دروازو سنڌ هئي، انگريز جي دور ۾ زبردستي بمبئي جي ماتحت ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ڀارتي وزير دفاع راج ناٿ سنگهہ جي سنڌ بابت ڏنل بيان تي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ آمريڪا ۽ سريلنڪا جي 40 سالن کان مٿي عمر وارن ڪرڪيٽرن جو ميچ منعقد

آمريڪي قونصل جنرل چارلس گڊمن نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۾ ٿيندڙ ميچ ۾ شرڪت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آمريڪي قونصل جنرل چارلس گڊمن نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ڪراچي ۾ آمريڪا ۽ سري لنڪا جي وچ
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آمريڪا ۽ سريلنڪا جي چاليهہ سالن کان مٿي وارن ڪرڪيٽرن جو ورلڊ گروپ فوٽو

وفاقي آئيني عدالت ۾ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ترميمي آرڊيننس خلاف اپيل تي حڪومت کي نوٽيس

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ۾ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ترميمي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

عورتن جي تعليم، ڊجيٽل هنرمندي ۽ معاشي خودمختياري ئي اصل بااختياري آهي: شزہ فاطمہ خواجہ

اسلام آباد (اي پي پي) انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن بابت
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت ۾ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ترميمي آرڊيننس خلاف اپيل تي حڪومت کي نوٽيس

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ۾ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ترميمي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان قومي اسيمبلي جي نون چونڊيل ميمبرن جي ملاقات

نون چونڊيل ميمبرن ۾ بابر نواز، بلال تارڙ، بلال بدر، راجا دانيال ۽ ٻيا شامل

اميد تہ نوان ميمبر قانونسازي ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪندا: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان قومي اسيمبلي جي نون چونڊيل ميمبرن بابر نواز، بلال فاروق تارڙ، بلال بدر، راجا دانيال، حافظ نعمان، چوڌري طفيل جٽ ۽ محمود قادر ملاقات ڪئي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

خوف ۾ ورتل عورتن وارو معاشرو ترقي نٿو ڪري سگهي: آصف ڀٽو زرداري

اسان کي تعصب جي احترام، خاموشي جي همت ۽ خوشنودي جي جوابدهي جي چونڊ ڪرڻ گهرجي

شهري عورتن جي خلاف تشدد جي خاتمي ۽ هڪ اهڙي مستقبل جي تعمير ۾ هٿ ونڊرائيون

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول ۽ قومي اسيمبلي ميمبر بي بي آصفہ ڀٽو زرداري سمورن شهرين، ادارن ۽ برادرين تي زور ڏنو
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڀارت جي حمايت ۾ سرگرم خوارج جو خاتمو رياست جي اولين ترجيح آهي: صدر

صدر پاران بنون ۾ خوارجين خلاف ڪامياب آپريشن تي فورسز کي خراج تحسين پيش

شهيد ۽ غازي قوم جو فخر آهن، جرئت جو مظاهرو ڪندڙ سپاهين کي سلام پيش ڪريون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بنون ۾ خوارج خلاف ڪامياب انٽيليجنس آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پاڙيسري سان جهيڙي دوران ڇرين لڳڻ سبب هڪ نوجوان قتل

شرافي گوٺ ۾ نوجوان سيف علي کي پاڙيسري آصف گلي ۾ ڇري جا وار ڪري قتل ڪيو

واقعي بعد جوابدار گهر بند ڪري پاڻين سميت فرار ٿي ويو، مقتول جو لاش اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شرافي گوٺ ٿاڻي جي حد لانڊي مانسهره ڪالوني جي علائقي ۾ دلدار هوٽل ويجهو هڪ شخص کي چاقو جا وار ڪري قتل ڪيو ويو مقتول جي لاش کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

عورتن ۽ ٻارن تي تشدد جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي: اويس قادر شاهہ

سنڌ اسيمبلي عورتن جي تحفظ ۽ گهٽ عمر جي شادي روڪڻ لاءِ سخت قانون سازي ڪئي آهي

صوبي ۾ سيف هائوسز ۽ ڪميونٽي سينٽر عورتن کي فوري مدد ۽ پناهہ فراهم ڪري رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهہ عورتن تي تشدد جي خاتمي جي عالمي ڏينهن تي پيغام ۾ چيو آهي تہ عورتن ۽ ٻارن تي تشدد سماجي مسئلو آهي ان جي خاتمي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سکر: ڪمشنر سکر ڊويزن ۽ ٻيا فائنل ايئر پروجيڪٽس جي نمائش جو افتتاح ڪندي

27هين ترميم کان پوءِ عدليہ ڪمزور ۽ عوامي حقن کي يرغمال بڻايو ويو آهي: جماعت اسلامي

اسان 1973 جي آئين کي تباهہ ڪرڻ جي هر ڪوشش جي سخت مزاحمت ڪنداسين

پيپلز پارٽي جي صوبائي حڪومت سنڌ جي حقن جي سودي ۾ ملوث آهي: ڪاشف سعيد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي تہ 27 هين ترميم کان پوءِ عدليہ ڪمزور ٿي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ورلڊ ڪلچر فيسٽيول جاري، پرڏيهي ٿيٽر ڊراما، ورڪشاپ ۽ فلم ڏيکاريون وينديون

شاعر ۽ ڪينيڊا جي فنڪار احمد مري شرڪت ڪندڙن کي اداڪاري جا مختلف رول ۽ فني پهلو سيکاريا

فيسٽيول ۾ بالڪن شرڪيس هيٽ ترڪي ۽ بوسنيا هرزيگووينا جون فلمون پيش ڪيون وينديون

عالمي ثقافتي ميلو فنون لطيفہ ۽ ثقافتي هم آهنگي کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي سربراهي هيٺ هلندڙ 39 ڏينهن واري ورلڊ ڪلچر
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پاڪ بحريا پاڪستان ۾ تيار ڪيل اينٽي شپ بيلسٽڪ ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪري ورتو

ميزائل سامونڊي ۽ زميني هدفن کي اعليٰ درستگي سان نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکي ٿو: آءِ ايس پي آر

ٽيسٽ فلائيٽ جو مشاهدو نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف ۽ سينيئر سائنسدانن ۽ انجنيئرن ڪيو

صدر، وزيراعظم، فيلڊ مارشل ڪامياب تجربي تي شريڪ يونٽس ۽ سائنسدانن کي مبارڪباد ڏني

راولپنڊي (م ڊ) پاڪ بحريا اينٽي شپ بيلسٽڪ ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي. آءِ ايس پي آر موجب اينٽي شپ بيلسٽڪ ميزائل پاڪستان ۾ ئي تيار ڪيو ويو آهي اهو ميزائل سامونڊي ۽ زميني
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي شهيدن جي يادگار تي سلامي ڏيندي

فيفا ۽ سعودي فنڊ پاران اسرندڙ ملڪن ۾ فٽبال انفراسٽرڪچر لاءِ هڪ ارب ڊالر جو اعلان

جنيوا (اي پي پي) فيفا ۽ سعودي فنڊ اسرندڙ ملڪن ۾ فٽبال انفراسٽرڪچر لاءِ هڪ ارب ڊالر جو اعلان ڪيو آهي پرڏيهي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ جي سنڌس والدہ جي قبر تي فاتحہ خواني

اسلام آباد (اي پي پي) آزاد جمون ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ سنڌس والدہ فرحت ممتاز راٺوڙ جي قبر تي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جي جي ايڇ ڪيو آمد، گارڊ آف آنر پيش

جنرل ساحر شمشاد مرزا جي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان الوداعي ملاقات ڪئي، سندس خدمتن جي واکاڻ

جي ايڇ ڪيو آمد تي چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر يادگار شهداءِ تي گلن جي چادر چاڙهي

راولپنڊي (اي پي پي) چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر شمشاد مرزا اڳاري ڏينهن پاڪ فوج جي جنرل هيڊ ڪوارٽرز (جي ايڇ ڪيو) ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان الوداعي ملاقات ڪئي جنهن ۾ آرمي چيف جنرل ساحر شمشاد مرزا جي مثالي قيادت، اسٽريٽجڪ ويزن ۽ پاڪ فوج لاءِ سندس
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

جي اليون عدالت ۾ خودڪش حملي جون ڪڙيون افغانستان سان ملن ٿيون: عطاءُ الله تارڙ

ڪالعدم تحريڪ طالبان پاڪستان جي سربراهہ خوارج نور ولي محسود اسلام آباد ۾ وڏي تباهي جو منصوبو ناهيو هو

حملي جي فوري پوءِ سيڪيورٽي ادارن پوري ڪارروائي کي ٽريس ڪري نيٽ ورڪ کي بي نقاب ڪيو ويو آهي

اسان جون سيڪيورٽي ايجنسيون، قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ پاڪ فوج پوري طرح متحرڪ آهن انشاءَ الله دهشتگردي جو خاتمو ٿيندو

جي اليون اسلام آباد ڪچهري ۾ 11 نومبر تي ٿيندڙ خودڪش حملي جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي: وفاقي وزير اطلاعات

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ جي اليون عدالت ۾ خودڪش حملي جون ڪڙيون افغانستان سان ملن ٿيون ڪالعدم تحريڪ طالبان پاڪستان جي سربراهہ خوارج نور ولي محسود اسلام آباد ۾ وڏي تباهي جو منصوبو ناهيو هو حملي جي فوري پوءِ سيڪيورٽي ادارن پوري ڪارروائي کي ٽريس ڪري نيٽ ورڪ کي بي نقاب ڪيو ۽ انٽيليجنس بيورو ۽
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايم اين اي شمشير علي مزاري وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪندي

وفاقي آئيني عدالت / اليڪشن ٽربيونلز ۾ رٽائرڊ ججز جي مقرري وارو ڪيس، رٽائرڊ ججز جي مقرري خلاف اپيل ٻڌڻي ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ۾ اليڪشن ٽربيونلز ۾ رٽائرڊ ججز جي مقرري خلاف داخل اپيل تي ٻڌڻي ٿي جسٽس عامر فاروق جي سربراهي ۾ پنج
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران انساني حقن ۽ اقليتن جي تحفظ لاءِ کنيل قدم همٿائڻ جهڙا آهن: يورپي يونين

وڏي وزير مراد علي شاهہ يورپي يونين مانيٽرنگ مشن کي ڪراچي آمد تي ڀليڪار ڪيو

جي ايس پي پلس جو انتظام پاڪستان جي برآمدات، پائيدار ترقي ۽ سڌارن لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿو

سنڌ ۾ ليبر رائٽس، عورتن جي حقن ۽ ٽرانس جينڊر تحفظ جي حوالي سان پيش رفت کي ساراهيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ اڱاري ڏينهن يورپي يونين مانيٽرنگ مشن کي ڪراچي آمد تي ڀليڪار ڪيو جيڪو جي ايس پي پلس اسڪيم جي پنجين ۾ ساليائي جائزي جي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر سان مخدوم جميل الزمان ملاقات ڪري رهيو آهي

سروري جماعت جي اڳواڻ مخدوم جميل الزمان جي فريال ٽالپر سان ملاقات

حيدرآباد ۽ ضلعي مٽياري جي سياسي صورتحال ۽ ترقياتي منصوبن تي ڳالهيون ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سروري جماعت جي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

پشاور: ايف سي هيڊ ڪوارٽر تي دهشتگرد حملي جو ڪيس سي ٽي ڊي ۾ داخل

ٽي موٽر سائيڪل سوار دهشتگردن ايف سي هيڊڪوارٽر تي حملو ڪيو: ايس ايڇ او

دهشتگردن جي ڪارروائي سبب ملڪي سلامتي ۽ سرڪاري ملڪيتن کي شديد نقصان پهتو

پشاور (اي پي پي) پشاور ۾ فيڊرل
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

اوگرا پاران گيس اگهن ۾ اضافي جي منظوري جي خبرن جي ترديد

قيمتن ۾ ڦير ڦار جي ڪا ضرورت پيش ناهي آئي: اوگرا جو جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (اي پي پي) آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) واضح ڪيو آهي تہ گيس جي قيمتن ۾ ڪنهن نہ قسم جي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

منشيات هڪ لعنت آهي جيڪا اسان جي ٻارن جو مستقبل تباهہ ڪري رهي آهي: فريال ٽالپر

سنڌ ۾ منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي عمل درآمد جاري رهڻ گهرجي

ڪيميڪل آلودہ ۽ غير صحت بخش کير جي وڪرو ۾ ملوث عنصرن خلاف سخت قدم کنيا وڃن

لينڊ مافيا قابل قبول ناهي، ڪچي ۾ جاري پوليس ڪارروائي اطمينان جوڳي آهي: اسٽينڊنگ ڪميٽي اجلاس کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) اسٽينڊنگ ڪميٽي جي گهرو معاملن جو هڪ اهم اجلاس ڪراچي جي سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ۾ اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرپرسن فريال ٽالپر جي صدارت ۾ ٿيو اجلاس ۾ ڇهہ
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

لنڊن: وفاقي وزير محمد جنيد انور آءِ ايم او اسيمبلي جي افتتاحي اجلاس کي خطاب ڪندي

بشريٰ بي بي خلاف 26 نومبر جي احتجاج واري ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪارروائي جي ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عامر ضيا جي موڪل سبب پي ٽي آءِ باني جي گهرواري بشريٰ
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

روانگي واپار تي ٻڌل پائيدار اوسر لاءِ کنيل قدمن جا نتيجا سامهون اچي رهيا آهن: خرم شهزاد

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد چيو آهي تہ روانگي واپار تي ٻڌل اوسر لاءِ کنيل قدمن جا نتيجا
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر سان متحدہ عرب امارات قونصل جنرل ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ پاڪستان ۽ متحدہ عرب امارات وچ ۾ قائم لاڳاپا وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پ پ عورت ونگ
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

ذوالفقار علي ڀٽو سياست کي ڊرائنگ روم مان ڪڍي عوامي جلسن تائين پهچايو: نثار کهڙو

پ پ جي 58هين يوم تاسيس جي موقعي تي 30 نومبر تي ملڪ جي هر ضلعي ۾ جلسا منعقد ڪيا ويندا

21 لک گهرن جي تعمير جاري آهي، جن مان لڳ ڀڳ 7 لک گهر مڪمل ٿي مستحقن حوالي ڪيا ويا آهن

ڪي اليڪٽرڪ سنڌ حڪومت جي اليڪٽرڪ ڊيوٽيءَ مان 30 ارب رپيا روڪي رهي هئي پر هاڻي ڪمپني ماهوار ۾ ارب رپيا جمع ڪرائڻ جي پابند آهي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو آهي تہ 30 نومبر چيئرمين ۽ سنڌ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي پاڪستان جي سياسي تاريخ جو اهو اهم
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: پ پ سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

آزاد ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ جي سنڌس والدہ جي قبر تي فاتحہ خواني

اسلام آباد (اي پي پي) آزاد جمون ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ سنڌس
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

چيني صدر اپريل ۾ چين جو دورو ڪرڻ جي دعوت قبول ڪري ورتي: صدر ٽرمپ

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي تہ هن پنهنجي چيني هم منصب شي جن پنگ سان ٽيلي فونڪ
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

بقايا	1	اهم ملاقات

نقوي پنهنجي سعودي عرب جي دوري دوران سعودي گهرو وزير شهزاده عبدالعزيز بن سعود بن نائف سان اهم ملاقات ڪئي، جنهن ۾ ٻه طرفي سيڪيورٽي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ پوليس ۽ پيرا ملٽري فورسز وچ ۾ ٽريننگ ايڪسچينج پروگرام ۽ علائقائي سلامتي جي معاملن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون ملاقات ۾ برما (روهينگا) مسلمانن جي ليگل اسٽيٽس جي پراڻي مسئلي جي حل تي به ڳالهيون ڪيون. سعودي گهرو وزير ان اهم انساني مسئلي کي اجاگر ڪرڻ ۽ ان جي حل لاءِ ڪوششون ڪرڻ تي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جو ٿورو مڃيو ان موقعي تي سعودي گهرو وزير فيڊرل ڪانسٽيبلري جي هيڊ ڪوارٽر تي ٿيل حملي ۾ شهيد اهلڪارن جي گهرڀاتين سان به تعزيت جو اظهار ڪيو ٻنهي ملڪن وچ ۾ گهرو وزارت جي ورڪنگ گروپ جو اجلاس ايندڙ مهيني منعقد ڪرائڻ جو به فيصلو ڪيو ويو. محسن نقوي چيو ته سعودي عرب هر پاڪستاني جو ٻيو گهر آهي ۽ اسان کي سعودي عرب سان پنهنجي پراڻن مضبوط ۽ پائيدار لاڳاپن تي فخر آهي. ملاقات ۾ وفاقي گهرو سيڪريٽري محمد خرم آغا، پاڪستان جو سفير احمد فاروق، ڪمانڊنٽ فيڊرل ڪانسٽيبلري رياض نذير گاڙا، ڪمانڊنٽ نيشنل پوليس اڪيڊمي محمد ادريس ۽ سعودي گهرو وزارت جون اعليٰ اختياريون به موجود هيون.

بقايا	2	پاڪ فوج

آيو آهي صحافين کي بريفنگ ڏيندي هن چيو ته پاڪستان هڪ ذميوار رياست آهي، جيڪو رياست جي حيثيت سان ٿي رد عمل ڏيندو آهي هن واضح ڪيو ته اسان جي نظر ۾ ڪو سٺو يا خراب طالبان ناهي، سڀني دهشتگردن سان هڪ جهڙو رويو اختيار ڪيو ويندو آهي ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪستان افغانستان ۾ ڪنهن تازي واقعي ۾ ڪا ڳجهي ڪارروائي ناهي ڪئي ۽ جڏهن به ڪو قدم کنيو ويندو آهي ته ان جو باضابطا اعلان ڪيو ويندو آهي. سندس چوڻ هو ته پاڪستان افغان عوام جي خلاف ناهي پر دهشتگردي جي خلاف آهي ان ڪري مسئلو افغان عبوري حڪومت جي رويي سان آهي جيڪا دهشتگرد گروهن خلاف اثرائتيون ۽ تصديق جوڳيون ڪارروائيون ناهي ڪري رهي هن سوال اٿاريو ته طالبان حڪومت ڪيستائين عبوري حيثيت ۾ رهندي ۽ ڪڏهن هڪ رياست وانگر فيصلو ڪندي؟ سندس چوڻ هو ته ان اسٽيٽ ايڪٽرز جي انداز سان فيصلا قبول ناهن هن چيو ته 4 نومبر کان هاڻي تائين 206 دهشتگرد مارجي چڪا آهن کي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ 4910 آپريشنز ڪيا ويا هن دعويٰ ڪئي ته تازن سالن ۾ ٿيل آپگهاتي حملن ۾ ملوث عنصرن ۾ اڪثريت افغان شهرين جي رهي آهي هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته پاڪ افغان سرحد تي اسمگلنگ ۽ سرحد پار منظم ڏوهن جو گٺ جوڙ ٽوڙڻ اڻٽر آهي، ڇاڪاڻ ته دهشتگردي جي معاونت جو وڏو ذريعو اهي ٿي نيٽ ورڪس آهن ڊي جي آءِ ايس پي آر مطالبو ڪيو ته نان ڪسٽم پيڊ گاڏين تي فوري پابندي مڙهي وڃي ڇاڪاڻ ته دهشتگردي جي ڪيترن ئي واقعن ۾ انهن گاڏين جو استعمال سامهون آيو آهي هن چيو ته پاڪستاني عوام ۽ هٿياربند فوج دهشتگردي خلاف متحد آهن ۽ دهشتگردن جو آخري ساهه تائين پيڇو ڪيو ويندو ان ڪري هن جنگ لاءِ اندروني ڪمزورين کي به ختم ڪرڻ ضروري آهي هن انڪشاف ڪيو ته پرڏيهه ۾ استعمال ٿيندڙ سوشل ميڊيا اڪائونٽس رياست پاڪستان خلاف ناڪاري پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن جن جو مقصد عوام ۽ ادارن وچ ۾ بد اعتمادي پيدا ڪرڻ آهي

بقايا	3	آءِ ايس پي آر

قياس آرائين کان پاسو ڪيو وڃي گڏيل ڏينهن ميڊيا سان ڳالهائيندي هن واضح ڪيو ته جيئن ئي ليفٽيننٽ جنرل فيض حميد جي معاملي ۾ ڪو حتمي فيصلو سامهون ايندو ان کي باضابطا طور تي عوام آڏو آندو ويندو هن چيو ته ڪورٽ مارشل جو معاملو افواهن ۽ سوشل ميڊيا جي بيانن جي ذريعي نه چڙهڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ان سان ادارن جي ساک متاثر ٿيندي آهي

بقايا	4	ملاقات

آذربائيجان اقتصادي تعاون کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي لاءِ ڪوششون تيز ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي دفاعي پيداوار پيٽروليم معدنيات، تعميرات، لائيو اسٽاڪ سياحت ۽ آءِ ٽي سميت ٻين شعبن ۾ وڌيڪ تعاون جا موقعا ڳولڻ جو جائزو ورتو آهي جڏهن ته وزيراعظم محمد شهباز شريف گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۾ آذربائيجان سان حصيداري کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان جي اٽل عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي. ڪالهه آڳاري ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ جمهوريه آذربائيجان جي اقتصاديات واري وزير ميڪائل جباروف جي وچ ۾ وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ٿي جمهوريه آذربائيجان جي اقتصاديات وارو وزير وفد سان گڏ پاڪستان جي سرڪاري دوري تي آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ ٻطرفي واپار ۽ سيڙپڪاري ۾ تعاون جو وسيع جائزو ورتو ويو ٻطرفي واپار ۾ مسلسل ترقي کي ساراهيندي ڌرين اقتصادي معاهدا ۾ اڳڀرائي جي لاءِ ڪوششون تيز ڪرڻ جي ضرورت تي اتفاق ڪيو هن دفاعي پيداوار پيٽروليم ۽ معدنيات، تعميرات، لائيو اسٽاڪ سياحت ۽ آءِ ٽي سميتٻين شعبن ۾ وڌيڪ تعاون جا موقعا ڳولڻ تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وزيراعظم پاڪستان پاران پاڪستان آذربائيجان گڏيل سيڙپڪاري ڪمپني قائم ڪرڻ جي تجويز جو ورجاءُ ڪيو جنهن ۾ ٻنهي ملڪن پاران برابر حصيداري هجي هن وائيٽ آئل پائيپ لائين پراجيڪٽ ۾ آذربائيجان جي دلچسپي کي پڻ ساراهيو ۽ آذربائيجان جي ڪمپني ايس او سي اي آر کي پاڪستان ۾ تيل ۽ گئس جي شعبن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ جي ترغيب ڏني ڌرين علائقائي رابطن کي وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏنو وزيراعظم افغانستان ۽ وچ ايشيا جي لاءِ مختصر ترين رستي جي طور تي پاڪستان جي اسٽريٽجڪ جاگرافيائي بيهڪ تي روشني وڌي ۽ ٽرانس ڪيسپيئن انٽرنيشنل ٽريڊ ڪوريڊور جهڙن قدمن ۾ آذربائيجان جي اهم ڪردار کي ساراهيو وزيراعظم آذربائيجان جي صدر الهام علييوف کي پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪرڻ جي دعوت پڻ ڏني وزيراعظم گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۾ آذربائيجان سان پنهنجي حصيداري کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان جي اٽل عزم جو ورجاءُ ڪيو آذربائيجان جي اقتصاديات واري وزير پاڪستان جي دوري دوران سندس مهمان نوازي تي پاڪستان حڪومت جا ٿورا مڃيا

بقايا	5	بلاول ڀٽو زرداري

تشدد جي سخت مذمت ڪري ٿي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پيپلز پارٽي عورتن تي ٿيندڙ ظلم جي مڪمل خاتمي لاءِ پُرعزم آهي چو ته جيستائين عورتون امتيازن ۽ تشدد جو شڪار رهنديون ملڪ ترقي نٿو ڪري سگهي هن چيو ته عورتن خلاف جسماني نفسياتي سماجي معاشي يا ڊجيٽل تشدد انساني وقار تي حملو ۽ سماج جي اخلاقي ناڪامي آهي ڪنهن عورت تي تشدد هڪ خاندان جي روح زخمي ڪري ٿو ۽ قوم جو مستقبل ڪمزور ٿئي ٿو بلاول ڀٽو زرداري تشدد جو نشانو بڻيل عورتن جي حوصلي کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ عورتن جي تحفظ ۽ بااختياري لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڪارڪنن ۽ ادارن کي سلام پيش ڪيو هن شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي انهن انقلابي قدمن کي به خراج عقيدت پيش ڪيو جيڪي عورتن جي حقن جي تحفظ لاءِ کيا ويا. پي پي چيئرمين چيو ته پيپلز پارٽي شهيد بينظير ڀٽو جي مشن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پُرعزم آهي هن اپيل ڪئي ته رياستي ادارا سياسي جماعتون ۽ سماج جا سڀ شهري گڏجي عورتن جي تحفظ، فوري انصاف ۽ مددگار سهولتن کي يقيني بڻائين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اچ جو ڏينهن صرف لفظن سان نه پر عمل سان ملهايو وڃي ۽ اهڙو پاڪستان بڻائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن جتي هر عورت وقار آزادي ۽ تحفظ سان جي سگهي

بقايا	6	منتقل

منهاس جي ٻڌڻي دوران اوچتو طبيعت خراب ٿي وئي جنهن ڪانيو هن کي فوري شروعاتي طبي امداد ڪانيو اسپتال منتقل ڪيو ويو عدالتي اهلڪار مطابق جسٽس راجا انعام امين منهاس ۽ جسٽس ارباب محمد طاهر جي ٻڌنچ ٻڌڻي ڪري رهي هئي تڏهن اوچتو جسٽس راجا انعام امين منهاس بيهوش ٿي ويو هن کي فوري طور تي ڪلثوم انٽرنيشنل اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي چيف جسٽس سردار محمد سرفراز ڊوگر ۽ ٻيا ججز به موجود رهيا. اسپتال

ذريعن ٻڌايو ته جسٽس راجا انعام امين منهاس هوش ۾ اچي ويو آهي ۽ سندس طبيعت پهرين کان بهتر آهي ڪيس مختلف ميڊيڪل ٽيسٽن لاءِ معائني هيٺ رکيو ويو آهي ته جيئن مڪمل صحتيابي کي يقيني بڻائي سگهجي

بقايا	7	ملاقات

189 راجن پور جي ميمبر شمشير علي مزاري ملاقات ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران آڳاري ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب قومي اسيمبلي جي ميمبر شمشير علي مزاري وزيراعظم کي تڪ سان لاڳاپيل معاملن ۽ مسئلن کان آگاهه ڪيو ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار موجود هو.

بقايا	8	شرجيل ميمڻ

جيڪڏهن ايم ڪيو ايم وارا گهٽو گوڙ ڪن ٿا ته اسان لاهور جو مڪاني ادارن وارو نظام ڪراچي ۾ آڻڻ لاءِ تيار آهيون مڪاني ادارن جي لاءِ پنجاب جو مثال ڏنو پيو وڃي جتي اڃا تائين مڪاني چونڊون ٿيون ئي ناهن ايم ڪيو ايم آڳواڻ حيدر عباس رضوي جي بيان جي ردعمل ۾ جاري ڪيل هڪ بيان ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي سنڌ جي دل ۽ اسان جي پهرين اوليت ۾ شامل آهي مجموعي طور تي اربين رُپين جو سرمايو شهري بنيادي ڍانچي ۽ بنيادي سهولتن ۾ لڳايو پيو وڃي سنڌ سرڪار ڪراچي ۾ شهري سهولتن ۽ بنيادي ڍانچي جي ترقي تي ڀرپور نموني ڪم ڪري رهي آهي ۽ ان ۾ رنڊڪ وجهڻ جون سموريون ڪوششون ناڪام ٿي رهيون هن چيو ته ڪراچي جهڙي گهڻ ثقافتي شهر ۾ هم آهنگي ۽ سماجي ترقي کي ايم ڪيو ايم جي سياسي رويي نقصان پهچايو شهري سهولتن بنيادي ڍانچي تعليم صحت ۽ پاڻي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جي نظام جي بهتري تي ايم ڪيو ايم جيڪڏهن ڌيان ڏئي ها ته اڄ ڪم ڪرڻ تي اسان تي آڱريون کڻي پنهنجي نااهلي لڪائڻ جي ڪوشش نه ڪري ها. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اسان جو ڪم ڳالهائيندو آهي ڪراچي ۾ اربين رُپين جا منصوبا جاري آهن ايم ڪيو ايم انهن ۾ رنڊڪ وجهڻ لاءِ سرگرم آهي اي وي بس سروس، پيپلز بس سروس، پنڪ بس سروس، شاهراهه ڀٽو تاج حيدر پل پنڪ اسڪوٽيز بي آر ٽيز جهڙا منصوبا ايم ڪيو ايم کيو به شروع ڪري سگهي پئي پر ان جي ڪم ڪرڻ جي نيت ئي نه هُئي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ سرڪار رڳو واعدا ناهي ڪندي، ڪم ڪري ڏيکاريندي آهي سنڌ سرڪار ڪراچي کي ڏينهون ڏينهن جديد بڻائي رهي آهي ۽ ايم ڪيو ايم کي اها ڳالهه هضم نه پئي ٿئي

بقايا	9	مشعال ملڪ

ڪشمير ۾ ڀارتي فوج جو جنسي تشدد باقاعده جنگي هٿيار بڻجي چڪو آهي والاريل ڪشمير ۾ جنسي ڏاڍائي ۽ جنسي تشدد منظم رياستي پاليسي آهي عورتن تي تشدد جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي مشعال ملڪ شديد رد عمل جو اظهار ڪندي چيو ته اڄ تائين ڪنهن فوجي کي سزا ناهي ملي ظلم جاري آهي ۽ عالمي برادري جي خاموشي ڀارتي فوج کي وڌيڪ حوصلو ڏئي رهي آهي هن چيو ته ڪشمير جون عورتون ڏهاڪن کان جنگي تشدد جو نشانو بڻجي رهيون آهن مشعال ملڪ مطالبو ڪيو ته گڏيل قومون جنسي تشدد کي جنگي ڏوهه تسليم ڪن والاريل ڪشمير ۾ عورتن خلاف ڀارتي فوج جي جنسي تشدد جي واقعن جي آزاد ۽ غير جانبدار جاچ جي فوري ضرورت آهي دنيا جا فيمينسٽ نيٽ ورڪس ڪشميري عورتن سان يڪجهتي جو اظهار ڪن

بقايا	10	روبينا خالد

انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي تشدد کان پاڪ معاشرو اسان جي اجتماعي ذميواري آهي عورتن خلاف تشدد جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي خاص پيغام ۾ سينيٽر روبينا خالد چيو ته عورتن کي با اختيار بڻائڻ بنا ترقي جو خواب ممڪن نه آهي هن چيو ته بي آءِ ايس پي عورتن جي تحفظ ۽ با اختياريت لاءِ سرگرم آهي تشدد جو هر واقعو قبول نه ڪرڻ جوڳو آهي ڏوهارين کي سخت سزا ملڻ گهرجي سينيٽر روبينه خالد چيو ته عورتن جي تعليم روزگار ۽ تحفظ حڪومت جي اولين ترجيح آهي عورتن جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ پاليسين کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي رهيا آهيون تشدد خلاف آواز اٿارڻ اسان سڀني جو معاشرتي ۽ اخلاقي فرض آهي هن چيو ته متاثر عورتن لاءِ قانوني مدد جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو عورتن تي تشدد جي خاتمي لاءِ مردن جي شموليت به اهم آهي هن چيو ته اسان اهڙو پاڪستان بڻائڻداسين جتي هر عورت وقار آزادي ۽ تحفظ سان زندگي گذاري سگهي

بقايا	11	دورو

مرمت، بهتري ۽ بحالي جي ڪمن جو تفصيلي معائنو ڪيو دوري دوران وفاقي وزير عبدالعليم خان ايڪسپريس وي تي قائم ريسٽ ايرياز جو به جائزو ورتو ۽ موقعي تي لاڳاپيل اختيارين کي ضروري هدايتون جاري ڪيون ته جيئن مسافرن کي بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن وفاقي وزير مواصلات واري سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته هو پاڻ انهن ڪمن جي نگراني ڪري ته جيئن معيار تي ڪو سمجهوتو نه ٿئي هن اسلام آباد - مري ايڪسپريس وي جي باقي رهيل ڪمن کي جلد مڪمل ڪرڻ ۽ ڪجهه معاملن کي حتمي شڪل ڏيڻ جي به هدايت ڪئي اين ايڇ اي اختيارين وفاقي وزير کي منصوبي تي اڳڀرائي بابت آگاهه ڪيو بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته نئيون لائيٽون لڳائڻ جو عمل مڪمل ٿي چڪو آهي جڏهن ته ايڪسپريس وي جي ٻنهي پاسي خوبصورتي جو ڪم آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي وفاقي وزير عبدالعليم خان چيو ته معيار ۽ محفوظ سفر تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو

بقايا	12	ڳالهيون

معدنيات ۽ ڪاٺين جي ڪوڪائي، گوشت ۽ چوپائي مال ۽ هوٽلنگ جي شعبن ۾ آذربائيجان جي ممڪن سيڙپڪاري جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ انهن شعبن ۾ تعاون جا وڌيڪ موقعا ڳولڻ تي اتفاق ڪيو آهي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران ڪالهه آڳاري ڏينهن جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار پاڪستان جي دوري تي آيل آذربائيجان جي اقتصاديات واري وزير ميڪائل جباروف سان وفدن جي سطح تي اجلاس دوران خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ٻنهي طرفن پاڪستان جي تيل ۽ گئس، معدنيات ۽ ڪاٺين جي ڪوڪائي، گوشت ۽ چوپائي مال ۽ هوٽلنگ، مهمان نوازي جي شعبن ۾ آذربائيجان جي ممڪن سيڙپڪاري جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ انهن شعبن ۾ تعاون جي اضافي رستن کي ڳولڻ تي اتفاق ڪيو اجلاس ۾ لاڳاپيل وزارتن جي سينيئر عهديدارن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا	13	ڳالهيون

وزير احسن اقبال ملاقات ڪئي ان موقعي تي اقتصادي معاملن وارو وفاقي وزير احد خان چيما ۽ پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر ملڪ احمد خان پڻ موجود هئا. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران ڪالهه آڳاري ڏينهن جاري بيان موجب ملاقات ۾ منصوبابندي واري وزارت سان لاڳاپيل معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي ۽ سياسي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

بقايا	14	آجيان

ڪالهه آڳاري ڏينهن پرڏيهي آفيس پهچي ويو پرڏيهي آفيس موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سندس پرڏيهي وزارت پهچڻ تي شاندار استقبال ڪيو

بقايا	15	مولانا فضل الرحمان

مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته 27 هين آئيني ترميم کي مڪمل طور رد ڪريون ٿا. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس دوران مولانا فضل الرحمان چيو ته سڀ کان پهرين بنيادي مسئلي کي ڏسڻ گهرجي، هڪ سال اڳ 26 هين آئيني ترميم پارليامينٽ ۾ آندي وئي عدليا سان لاڳاپيل 26 هين ترميم اڃا عدالت ۾ آهي ۽ هاڻي نئين ترميم آندي وئي جي يو آءِ آئيني عدالت جي حق ۾ هئي هن چيو ته 27 هين آئيني ترميم نه دستور ۾ بهتري آڻيندي ۽ نه ئي عوامي مفاد کي پورو ڪندي، 27 هين آئيني ترميم کي مڪمل طور تي رد ڪيو ٿا، حڪومت عدليا کي مڪمل طور تي پنهنجي پنجن هيٺان رکڻ چاهي ٿي مولانا فضل الرحمان جو چوڻ هو ته اسان آئين جي تحفظ جو قسم کنيو آهي مخالف ۽ هر مڪتبهِ فڪر کي اعتماد ۾ وٺي آئين ٺاهيو ويو هو پيپلز پارٽي پڻ جمهوري نظام جي ابتڙ ڪردار ادا ڪيو پيپلز پارٽي پنهنجي

روايتن کي برقرار نه رکيو هن چيو ته 27 هين ترميم ۾ اهڙيون پيچيدگيون آهن جيڪي عدالت کي سمجهه ۾ نه پيون اچن ترميم پاس ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته سڀني کي اعتماد ۾ ورتو وڃي، 27 هين ترميم ۾ هڪ تاحيات چوٽ ڏني وئي، جنهن تحت آصف علي زرداري تي اڳ ۾ ڪيٽي سالن تائين جيل ۾ رکيو ويو هاڻي مٿس تاحيات ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهندو مولانا فضل الرحمان چيو ته 26 هين ترميم گڏيل صلاح مشوري سان اڳتي وڌي ۽ چئي سگهجي ٿو ته اتفاق راءِ سان منظور ٿي اسان مسلسل چوندا رهياسين ته اهڙي ڪا ترميم منظور نه ٿيڻ گهرجي جيڪا معتقد ڌائٽل متاثر ڪري، 27 هين ترميم ۾ اپوزيشن کي اعتماد ۾ وٺڻ ضروري هو.

بقايا	16	مرتضيٰ وهاب

سختي سان رد ڪندي ان کي ڀارت جي سفارتي ناڪامين ۽ تاريخي حقيقتن خلاف قرار ڏنو آهي. پنهنجي بيان ۾ ميئر ڪراچي چيو ته ڀارتي وزير دفاع مڪمل طور تي حواس باخته ٿي چڪو آهي ۽ انهي جا الزام علائقي ۾ جاري ڀارتي بوکلاهٽ جو واضح اظهار آهن. هن چيو ته سنڌ خلاف بيان اصل ۾ پاڪستان جي تازه سفارتي برتري جو اعتراف آهن ڇاڪاڻ ته سنڌ جي تهذيب هزارين سال پراڻي آهي ۽ موئن جو دڙو سميت انڊس وادي جي تاريخ هن جي صديون پراڻي سالميت جو ناقابل ترديد ثبوت آهي. هن چيو ته ڀارت جو سنڌ جي تاريخ کي مسخ ڪرڻ جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو. ميئر چيو ته برصغير ۾ اسلام جو پهريون دروازو سنڌ هو جڏهن ته انگريز جي دور ۾ سنڌ کي زبردستي بمبئي جي ماتحت ڪيو ويو پر سنڌ مسلسل جدوجهد ڪري 1936 ۾ بمبئي پريزيڊنسي مان آزادي حاصل ڪئي. ساڳي طرح قرارداد پاڪستان جي پهرين منظوري به سنڌ اسيمبلي ڏني جيڪا علائقي جي نظرياتي وابستگي جو ظاهر ثبوت آهي. هن چيو ته ڀارتي قيادت تاريخ کي تبديل ڪري علائقي ۾ ٽڪراءُ وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي پر سنڌ جي تاريخي سچائي عالمي سطح تي تسليم ٿيل آهي ۽ ڀارتي پروپيگنڊا هميشه وانگر ناڪام رهندو. ميئر ڪراچي چيو ته سنڌ جا عوام هر دور ۾ بيروني تسلط کي رد ڪيو آهي انهيءَ ڪري ڀارت جا دعوائون بي معنيٰ ۽ عالمي رڪارڊ جي سراسر خلاف آهن. ميئر واضح ڪيو ته پاڪستان مخالف بيان بازي پروپيگنڊا ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي وفاداري ۽ پاڪستان سان نظرياتي وابستگي تاريخ سان ثابت ٿيل آهي.

بقايا	17	مڃ منعقد

۾ 40 سالن کان مٿي عمر وارن ڪرڪيٽرن جي ٽي 20 ورلڊ ڪپ ميچ ۾ شرڪت ڪئي. جتي هن ٽيم يو ايس اي جي همت افزائي ڪئي ۽ رانديگرن وسيلي قومن جي گڏجڻ واري ڪردار کي اجاگر ڪيو ان موقعي تي سنڌ ۾ ملان "انگلش ايڪسز" پروگرام جا 500 کان وڌيڪ شاگردن پڻ شرڪت ڪئي جن پاڪستان جي من پسند راند ڪرڪيٽ جو لطف ۽ تجربو حاصل ڪيو. قونصل جنرل گڏمين ميچ کان اڳ سينئر اسپورٽس رپورٽرن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ اسٽيڊيم جي ڪمنٽري باڪس مان مزو ستئين ٽبصرو ڪيو ٽيم يو ايس اي جي ڪاميابي کان پوءِ هن رانديگرن کي مبارڪباد ڏني ٽرافيون ورهايون ۽ سري لنڪن ٽيم جي ڪارڪردگي کي پڻ ساراهيو انهن چيو ته راندين جا اهڙا مقابلا نه رڳو لاڳاپن کي مضبوط ڪن ٿا پر ماڻهن کي به هڪ ٻئي کي ويجهو آڻڻ جو سبب بڻجن ٿا. انٽرنيشنل ماسٽرز ڪرڪيٽ اوور 40 ٽي 20 ورلڊ ڪپ ۾ 12 بين الاقوامي ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن هي ٽورنامينٽ 21 نومبر کان 1 ڊسمبر تائين ڪراچي جي پنجن مختلف هنڌن تي 42 ميچن تي مشتمل آهي پاڪستان ويٽرنز ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن جي انتظام هيٺ هن سيريز ۾ آڳوڻا ٽيسٽ ۽ فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽر بيهر ميدان ۾ لهي رهيا آهن. ڪپتان محمد فرخ ۽ نائب ڪپتان زيشان محمد جي قيادت ۾ ٽيم يو ايس اي آمريڪا ۾ ڪرڪيٽ کي وڌيڪ ڊيٽي رهي آهي ٽيم يو ايس اي جي شرڪت آمريڪا جي "ميڪا ڊيڪيڊ آف اسپورٽس" جو پڻ حصو آهي، جيڪو 2026 ورلڊ ڪپ ۽ 2028 لاس اينجلس اولمپڪس ڏانهن ٿيندڙ تياريءَ جو حصو آهي ۽ عالمي سطح تي آمريڪي ڪرڪيٽ جي مڃتا پڻ آهي. ان موقعي تي قونصل جنرل گڏمين چيو "راندين جي سرحدن ثقافتن ۽ قومن کي متحد ڪرڻ جي صلاحيت آهي پاڪستان ۽ آمريڪي مشن نوجوانن کي هڪ ٻئي سان سان سڌي ريت گڏ جڙڻ ۽ گڏيل ڀائيواري کي هٿي ڏيڻ وارين سرگرمين لاءِ سهڪار جي حمايت ڪري ٿي جنهنجو مثال اڄ ڪراچي ۾ منعقد ٿيل يو ايس اي - سري لنڪا

ڪوشش ڊيڪاري وڃي جڏهن ته بوسنيا هرزيگووينا جي طرفان پيش ڪيل فلم "گَڊ لڪ ساره" ۾ هڪ اڀرندي موسيقار جي ڪهاڻي ڊيکاري وئي جيڪا جنگ کانپوءِ پنهنجي زندگي بيهر سنوارڻ جي جدوجهد ڪري ٿي شائقين ٻنهي فلمن کي وڏي دلچسپي سان ڏٺو ۽ ساراهيو.

بقايا	22	جماعت اسلامي

وئي آهي ۽ عوامي حقن تي يرغمال بڻايو ويو آهي 26 هين ۽ 27 هين آئيني ترميمن کي مڪمل رد ڪريون ٿا ۽ 1973 جي آئين کي تباهه ڪرڻ جي هر ڪوشش جي سخت مزاحمت ڪنداسين زمين جي ورهاست کان وٺي ڪارونجهر جبل کي ڪٽڻ تائين پيپلز پارٽي جي صوبائي حڪومت سنڌ جي حقن جي سودي ۽ ملوث آهي ملڪ کي مستحڪم ۽ مضبوط ڪرڻ بدران خود غرض قيادت شخصي آمريت قائم ڪرڻ ۽ ملڪ جي بنيادن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ آئيني ترميمن کي استعمال ڪري رهي آهي جماعت اسلامي جمهوريت جي بالادستي ۽ قانون جي حڪمراني لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان پاران اعلان ڪيل بدلايو نظام تحريڪ ۾ سنڌ صوبو هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪندو صوبائي امير پنهنجي جاري بيان ۾ چيو ته امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان واضح طور تي اعلان ڪيو آهي ته اسان 26 هين ۽ 27 هين ترميم خلاف ڀرپور تحريڪ شروع ڪنداسين اسان سچ ڳالهائينداسين جيتوڻيڪ اهو اسٽيبلشمينٽ يا حڪومت کي ڳورو ڇونه لڳي صوبائي امير هندستاني دفاع واري وزير جي سنڌ بابت بيان تي سخت تنقيد ڪئي ۽ چيو ته هندستاني دفاع وارو وزير خوف جي حالت ۾ آهي جي پاڪستان هٿان عبرت ناڪ شڪست جي اثرات جي نشاني آهي سنڌ پاڪستان جو اٽوٽ حصو آهي ۽ ڪڏهن به ورهائجي يا الڳ نه ٿي سگهي ٿي هن چيو ته سنڌ پاڪستان آهي ۽ پاڪستان جو حصو رهندي پاڪستان جي ٺاهڻ جي قرارداد به سنڌ اسيمبلي ۾ ڀرپور منظور ٿيڻ جو اعزاز پڻ حاصل آهي جنهن تي سنڌ جا ماڻهو فخر ڪن ٿا.

بقايا	23	اويس قادر شاهه

لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورت آهي سنڌ اسيمبلي عورتن جي تحفظ لاءِ مؤثر قانون سازي ڪئي آهي سنڌ ڊوميسٽڪ وائلنس ايڪٽ 2013 عورتن کي قانوني تحفظ فراهم ڪري ٿو صوبي ۾ سيف هائوسز ۽ ڪميلينٽ سيلز عورتن کي فوري مدد ۽ پناهه فراهم ڪري رهيا آهن سنڌ اسيمبلي گهٽ عمر جي شادي روڪڻ لاءِ سخت قانون سازي ڪئي آهي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ عورتن جو ڪردار بنيادي اهميت رکي ٿو هن چيو ته عورتن تي تشدد جي خاتمي لاءِ آگاهي تعليم ۽ قانوني تحفظ لازمي آهن

بقايا	24	نوجوان قتل

منتقل ڪيو ويو پوليس موجب مقتول جي سڃاڻپ 25 سالن جي سيف علي پٽ محمد حنيف جي نالي ٿي آهي مقتول پنهنجي گهر جي ٻاهران ويٺو هو جڏهن سندس پاڙيسري آصف سان ڪنهن ڳالهه تي جهڳڙو ٿيو آصف گهر مان چاقو کڻي آيو ۽ ان کي گلي ۾ وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو ۽ گهر کي بند ڪري پنهنجي ڪٽنب سان گڏ فرار ٿي ويو ٻئي پاسي ٽيموريا ٿاڻي جي حد ٻفر زون اقبال گارڊن جي ويجهو جيسڪول پمپ جي لڳ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ جاويد ولد اسلم خان فوت ٿي ويو

بقايا	25	صدر

کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر پاڪستان فتنه الخوارج جي 22 دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسز جي بروقت ۽ اثرائتي جوابي ڪارروائي کي ساراهيندي چيو ته عزم استحڪام تحت جاري دهشتگردي جي خاتمي واري مهم ۾ پاڪستاني فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو عزم قابل تعريف آهي هن چيو ته پارٽ جي حمايت ۾ سرگرم خوارج جو خاتمو رياست جي اولين ترجيح آهي صدر چيو ته شهيد ۽ غازي قوم جو فخر آهن هن آپريشن دوران جرئت جو مظاهرو ڪندڙ سپاهين کي سلام پيش ڪيو

بقايا	26	آصف ڀٽو زرداري

آهي ته اهي عورتن جي خلاف تشدد جي خاتمي ۽ هڪ اهڙي مستقبل جي تعمير ۾ هٿ ونڊائين جتي هر عورت ۽ ڇوڪري خوف کان آزاد ۽ موقعن سان ڀرپور زندگي گذاري سگهن ڪالهه آڳاري ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب اهڙن خيالن جو اظهار هن عورتن جي تشدد جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي بيان ۾ ڪيو هن چيو ته هر معاشرو ترقي تڏهن ڪري ٿو جيڪڏهن ان جون عورتون خوف يا

TRADING CORPORATION OF PAKISTAN (PVT) LIMITED
MINISTRY OF COMMERCE
GOVERNMENT OF PAKISTAN

عزم استحکام

TCP/REOD/Sugar-Sale-2/2025 — 25th November, 2025

SALE OF SUGAR TENDER

INVITATION OF BIDS FOR SALE OF 36,000 MT IMPORTED WHITE REFINED SUGAR (SMALL FINE) FROM TCP STOCK

Trading Corporation of Pakistan (Pvt) Limited, Karachi invites sealed bids for sale of 36,000 MT (Thirty Six Thousand Metric Ton) of imported white refined sugar (Small Fine) stored in TCP's Pipri Godowns at Karachi through tender. Interested parties can submit their bids in sealed envelopes either for full quantity or for a minimum quantity of 5,000 MT or multiples thereof to be dropped in the tender box placed at the reception counter of TCP's Principal Office, Karachi by Wednesday December 03, 2025 at 1215 hours. The bids shall be opened in presence of the bidders or their authorized representatives on same date at 1245 hours in the Board Room of the TCP at its Principal Office Karachi.

2. Tender document containing detailed terms & conditions, method of procurement, procedure for submission of bids, bid security, bid validity, opening of bids, bid evaluation criteria, clarification/rejection of bids, performance guarantee etc. are available for the interested bidders on payment of PKR 2,000/- (Pak Rupees Two Thousand only), which can be purchased during 0830 hours to 1630 hours from following offices (Except Saturday & Sunday), till 1145 hours on December 03, 2025 from:

i) Deputy Manager (Cash), Trading Corporation of Pakistan (Pvt.) Ltd, 8th Floor, Block-A, Finance & Trade Centre, Shahrah-e-Faisal, Karachi, Pakistan (Phone: 021-99202947-49 Ext.: 235);

ii) General Manager, Regional Office, Trading Corporation of Pakistan (Pvt.) Ltd., 2nd Floor, LDA Plaza, Edgerton Road, Lahore (Phone No.042-99206065-78); and

iii) General Manager, Regional Office, Trading Corporation of Pakistan (Pvt.) Ltd., House No. 114, Street 11, PHAF Residencia, Kurri Road, Islamabad (Tel: 051-9450441- 42).

3. The tender documents can also be downloaded from official websites of TCP **www.tcp.gov.pk** and PPRA **www.ppra.org.pk**. However, the receipt of purchase of tender documents can be obtained from the cash section of TCP against the payment of PKR 2,000/- (Pak Rupees Two Thousand only) prior to dropping the bid envelope in the tender box within the specified time as mentioned at Para-2 above.

4. TCP reserves its right to accept or reject any or more than one offer wholly or partially or bifurcate or increase/decrease the tender quantity or match the price with offer(s) received.

Sher Muhammad Mahar
General Manager (REOD)

PID K.1846/25

Wednesday 26 November 2025

اربع 26 نومبر 2025ع

ایڈیٹوریل

روزانہ خبرات

پاکستان ہر انساني حقن جو مستقبل!

صفحہ 4

پیر فاروق

نوجوانن کان خواب نہ قربو!

صفحہ 4

سوشل میڈیا تي ٹیندڑ تشدد

سمیرا مختیار

صفحہ 4

اعجاز ممتائي

ایف بي آر، ایندڑ بجیٹ ءِ اسانجي سچائي!

صفحہ 4

کوئٹہ‌ڈیجي قلعي جي تاریخي ءِ قیمتي جیسرمیل توپ کي چور کٹي کٹي ریا

ھیرپور جي تعلقي کوئٹہ‌ڈیجي ءِ واقع تاریخي ماڑ کوئٹہ‌ڈیجي قلعي ءِ چوري جو حد مڙوئي تاریخي ورثي کي ہر نہ بخشیو قلعي جي شان سمجھیي ویندڑ سترھین صدي ۾ ٺاھیل جیسرمیل توپ کي چور ٿیل ٻہ ٽڪرا ٿي ویا آھن. کوئٹہ‌ڈیجي پولیس اسٹیشن ۾ کیس داخل کیو ویو آھي. تاریخي ماڑ قلعي ۾ توپ کي کٹڻ ۽ چوري جو ڪوبہ پھریون واقعو ناھي. ھن کان اڳ ۾ ٻہ ڀیرا توپ کي ڪٹڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ھئي. ھن ڀیري چور توپ جو ھڪ ٽڪرو ڪٽي ورتو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 26 نومبر 2025ع

پاڪستان ۾ انساني حقن جو مستقبل!

پاڪستان ۾ انساني حقن جي صورتحال گذريل ڪجهه عرصي کان ڳڻتيءَ جوڳي رهي آهي، هيءَ صورتحال ملڪ جي آئيني جمهوريت، شهري آزادي ۽ ڪمزور طبقن لاءِ سنجيده خطرا پيدا ڪري رهي آهي، انساني حقن جي ڪميشن آف پاڪستان تازو ئي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته 27 هين آئيني ترميم، جيڪا عدليه جي آزاديءَ کي محدود ڪري ٿي ۽ انتظاميه جي اختيارن کي وڌائي ٿي، جمهوريت لاءِ خطرو آهي، هيءَ ترميم نه رڳو احتساب جي نظام کي ڪمزور ڪندي پر عوامي اعتماد کي پڻ متاثر ڪندي، جنهن سان رياست ۽ شهرين جي وچ ۾ لاڳاپو پريشان ڪندڙ حد تائين ڪمزور ٿي ويندو. ايڇ آر سي پي زور ڏئي ٿو ته پارليامينٽ جي بالادستيءَ کي متاثر ڪرڻ ۽ سرڪاري عملدارن کي تاحيات استثنيٰ ڏيڻ سان طاقت جو مرڪز ڪجهه ماڻهن جي هٿن ۾ اچي ويو آهي، جيڪو جمهوريت جي بنيادي اصولن جي خلاف آهي. انهن جو چوڻ آهي ته بااختيار ۽ چونڊيل مڪاني حڪومتون جمهوريت جي مضبوطي، شفاف حڪمراني ۽ شهري شرڪت کي وڌائڻ لاءِ ضروري آهن. جڏهن ته اهو قدم ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام ۽ غير مؤثر انتظاميا جي مسئلن کي گهٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ انتهاپسنديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ بنيادي آزادي ۽ اختلاف راءِ جي حق جو تحفظ لازمي آهي. ايڇ آر سي پي چاتايو آهي ته ڊگهي عرصي تائين بلوچستان ۽ ٻين علائقن ۾ انٽرنيٽ بندش تعليم، روزگار ۽ جمهوري شموليت کي سخت متاثر ڪيو آهي ۽ ان کي فوري طور تي ختم ڪرڻ جي ضرورت آهي. حڪومت تي زور ڏنو ويو آهي ته هو حقن تي ٻڌل سيڪيورٽي اپاءَ وٺي، سرڪاري عملدارن پاران ٿيندڙ زيادتين جي غير جانبدار جاچ ڪرائي ۽ مقامي برادرين سان بامعنيٰ صلاح مشوري کي يقيني بڻائي، ان ۾ جبري گمشدگيون ختم ڪرڻ، قانوني عمل کان سواءِ حراستي مرڪزن جو استعمال روڪڻ ۽ اختلاف راءِ کي دٻائڻ لاءِ شيڊول IVجو استعمال بند ڪرڻ شامل آهي. موسمياتي تبديلي جي ڪري بي گهر ٿيل ماڻهن لاءِ محفوظ پناهه، بنيادي سهولتون ۽ مضبوط بحالي جي قدم کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي، خاص طور تي گلگت بلتستان ۽ ڏکڻ پنجاب ۾ ٻوڏ کان متاثر خاندانن لاءِ ڊگهي مدت جي مدد لازمي آهي. پاڪستاني ۽ هندستاني ماهيگيرن جي حراست جو مسئلو پڻ فوري ڌيان جو طلبگار آهي.

ايڇ آر سي پي ٻيا مامرا پڻ چاتايا آهن طوالت کان بچڻ لاءِ اُنهن جو هتي ذڪر ناهي ڪيو ويو اُنهن خدشن جو مقصد حڪومت جو گهريل مامرن ڏانهن ڌيان ڏيارڻ هوندو آهي. جيتوڻيڪ ايڇ آر سي پي خود چاڻي ٿو ته اُنهن جي اهڙن خدشن سان ڪو گهڻو فرق ناهي پوڻو ڇو ته هتي ورهين کان اِئين ٿي ٿيندو رهيو آهي ۽ مستقبل ۾ به خبر ناهي ته ڪيستائين اِها ئي روش جاري رهي. توڻي جو اِها به حقيقت آهي ته پوري دنيا جي سياست مان آدرش ۽ اصول هيئنر موڪلائي چُڪا آهن مظلومن لاءِ هاڻ ڪا به قوم، ڪو به گروهه سنجيدگيءَ سان آواز نٿو اُٿاري، جنهن جو وڏو مثال غزه جي تباهي آهي! اُتان جي مظلوم ماڻهن تي ڇا وهيو واپريو تنهن کان دنيا جو هر باشعور ماڻهو واقف آهي ۽ اِهو پڻ ڏٺو ويو آهي ته طاقتور مُلڪ به انهيءَ مامري تي مصلحتن کان ڪم وٺندا رهيا آهن. تنهن ڪري قومون هر هنڌ سماجي توڙي سياسي پيچداهه مان گذري رهيون آهن. بهرحال مجموعي طور تي، ايڇ آر سي پي جي رپورٽ اسان کي ياد ڏياري ٿي ته پاڪستان ۾ انساني حقن جو تحفظ، جمهوريت جي مضبوطي ۽ شهرين جي بنيادي آزاديءَ لاءِ ضروري آهي. حڪومت لاءِ لازمي آهي ته هو قانون جي حُڪمراني کي يقيني بڻائي، انتظاميه جي اختيارن کي محدود ڪري ۽ هر سطح تي شفافيت، جوابدهي ۽ شموليت کي فروغ ڏئي. اهڙي قدم سان ئي پاڪستان هڪ اهڙو ملڪ بڻجي سگهي ٿو جتي شهرين جي حقن جو تحفظ، سياسي شموليت، ۽ انساني وقار کي سنجيدگي سان ڏٺو وڃي.

آئيني جي اُگهان

”هن حَسين دنيا کي، وڌ رنگين چونہ ڪجي!“

حڪيم پريم چاندواڻي

هڪڙي آهي ٻاهر جي دنيا ۽ ٻي آهي اندر جي دنيا. جڏهن اندر جي دنيا خوشگوار هوندي آهي، تڏهن ئي ٻاهر جي دنيا به وڻندي ۽ رنگين لڳندي آهي ٻي صورت دنيا ته ڇا پنهنجو گهر ۽ ٻار به ناهن وڻندا. تنهن ڪري سڀ کان وڌيڪ اهم ۽ لازم آهي اندر جي دنيا کي خوشگوار بڻائڻ. منهنجي سوچ مطابق اهو شخص ذهني مريض آهي، جيڪو جنگ، جدل، مار ڌاڙ ۽ دنيا جي تباهي چاهي ٿو. باشعور ۽ اهل دل شخص ڪڏهن به دنيا جي يا ڪنهن هڪ فرد جي تباهي نہ چاهيندو. اڄو ته پنهنجي دلين ۽ نيتن کي ڀهريان ٺيڪ ڪريون پوءِ دنيا جهان جو فڪر ڪيون. ٻي صورت ۾ نمائش جي خيرخواهي سڀ ڏيکاءُ برابر ٿي هوندي.

دنيا هڪ اهڙو آئينو آهي، جنهن ۾ هر ماڻهو پنهنجي رنگ، پنهنجي رويي، پنهنجي ذهني مزاج ۽ پنهنجي اخلاق جي عڪاسي ڪري ٿو ڪجهه ماڻهو ان آئيني ۾ اداسيءَ جون ڪاريون لڪيرون ڇڏي وڃن ٿا ته ڪي وري پنهنجن عملن، اکين ۽ لفظن سان اُميدن جا نوان رنگ ڀرين ٿا. ڪنهن شاعر چواڻيءَ ته:

هن حسين دنيا کي،
وڌ رنگين چون ڪجي.

دراصل انسان کي ياد ڏيارڻ جي شعوري ڪوشش آهي ته دنيا جي رنگن جو دارومدار اسان جي پنهنجن روين، فيصلن ۽ ارادن تي آهي. اسان وٽ رڳو هڪ زندگي آهي، جيڪا وقت جي لهرن ۾ آهستي آهستي وهندي ٿي وڃي. ان وهڪري اندر جڏهن انسان محبت، همدردي ۽ سهڪار جا رنگ ملائي ٿو. تڏهن زندگي نه فقط پاڻ لاءِ پر ٻين لاءِ به حسين بڻجي وڃي ٿي. دنيا جون رونقون ڪنهن عظيم ڪارنامي سان نه پر ننڍن سادن عملن سان وڌنديون ۽ بهتر ٿينديون آهن. ڪنهن جي دل نه ڏکائڻ، ڪنهن جو ڏک ٻڌي ان کي همت ڏيڻ، ڪنهن جي سٺي رويي تي هڪ سچي مرڪ مرڪڻ، ڪنهن ضرورتمند کي بنا غرض جي مدد رسائڻ، اهي سڀ انسانيت جا رنگ آهن، جيڪي هن دنيا کي وڌيڪ خوبصورت ۽ حسين بڻائين ٿا. اڄ جو دؤر ظاهر پرستيءَ جو دؤر آهي، جتي ماڻهو گهرن کي سينگارين ٿا پر دلين کي وسارين ٿا، جاين کي رنگين ڪن ٿا پر جذبن کي وسارين ٿا. پنهنجي سوشل ميڊيا جي تصويرن ۾ مرڪ رکن ٿا پر اندر جي ويرانين کي لڪائين ٿا. اهڙي ماحول ۾ شاعر جو پيغام هڪ تازي هوا جي جهونڪيءَ جهڙو ۽ وڻندڙ هوندو آهي. جيڪو ٻڌائي ٿو ته اصل سينگار ٻاهرين شين ۾ نه پر انسان جي نيتن، عملن ۽ ادائن ۾ آهي.

جيڪڏهن اسان هن دنيا کي واقعي وڌيڪ خوبصورت ۽ رنگين ڏسڻ ۽ بهتر ڪرڻ چاهيون ٿا ته پوءِ پهريون قدم پاڻ کان ئي کڻڻو پوندو. دلين ۾ موجود رنجشن جا ڪارا بادل هٽائڻا پوندا. نفرت، حسد ۽ ڪيني جا رت سان رڱيل رنگ ڌوئڻا پوندا. محبت، امن، عزت ۽ رواداريءَ جا رنگ ئي آهن، جيڪي دلين کي روشن ۽ سماج کي مستحڪم بڻائين ٿا. انسان جڏهن پنهنجي اکين ۾ چاهت ۽ سڪون جي چمڪ آڻيندو ته دنيا پاڻمرادو رنگين ٿي ويندي.

پاڻ کي سماج ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو ملندا، جيڪي هر ڳالهه ۾ خامي ڳوليندا آهن، هر ڪم ۾ غلطي ڏسندا آهن. هر خوشيءَ ۾ به ڪنهن نه ڪنهن درد جو پهلو ڪيندا آهن. اهي ماڻهو نه ته دنيا کي رنگين بڻائڻ چاهين ٿا، نه ئي پاڻ رنگين ٿي سگهندا آهن. ٻئي پاسي ڪجهه ماڻهو اهڙا به ملندا، جيڪي پنهنجي مسڪراهٽ سان موسم بدلائي ڇڏيندا آهن. پنهنجن نرم لفظن سان، رنجيده ۽ ڪاوڙيل دلين کي ٿڌو ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پنهنجي محبت سان اونداهيءَ وارن رستن کي به روشنيءَ ۾ بدلائي ڇڏيندا آهن. اهي ئي آهن دنيا جا اصل بهترين ۽ لاجواب رنگ ساز، جن جي روح مان خوشين جو نور نڪري ٻين تائين پهچندو آهي.

زندگيءَ جو حسن انهيءَ امر ۾ آهي ته انسان قومي، سماجي يا ذاتي تڪرارن بدران هڪٻئي جي خوشين کي وڌائي، غمن کي گهٽائي ۽ سماج اندر اعتماد جي خوشبوءِ ڦهلائي. جڏهن هڪ فرد خوش ٿيندو آهي ته ان جي خوشي ٻين تائين منتقل ٿيندي آهي. جڏهن هڪ ماڻهو شڪر گذار بڻجي ٿو ته سماج ۾ نفرت جي جڳهه قبوليت وٺي ٿي. دنيا جي حسن جو راز ساڳين ڳالهين ۾ لڪل آهي. جنهن رنگ جي عينڪ پائبي، دنيا ۾ اهو ئي رنگ نظر ايندو.

مرڪزي خيال: دنيا جو حسن اسان جي پنهنجن روين، عملن ۽ نيتن ۾

نوجوانن کان خواب نہ ڦريو!

پير فاروق

پاڪستان جو موجوده سماجي ۽ معاشي منظرنامو هڪ اهڙي واٽ تي اچي بيٺو آهي، جتي نوجوان اڳي کان وڌيڪ ڏکن، پريشانين، بيچيني ۽ ايندڙ وقت جي ڊپ ۾ ڦاٿل نظر اچن ٿا. اهڙي ماحول ۾ پرديس وڃڻ جي خواهش رڳو خواهش نہ رهي آهي، پر گهڻو ڪري اها ئي خاندان جي روزگار، گهر جي معاشي سهاري ۽ عزت بچائڻ جي آخري اميد بڻجي وڃي ٿي. پر گذريل ڪجهه هفتن کان ملڪ جي ايئرپورٽن تي جنهن بي رحميءَ سان نوجوانن کي جهاز مان لاهي واپس موٽائڻ (آف لوڊ ڪرڻ) جي ڪئور ڪارروائي شروع ٿي آهي، تنهن انفرادي سطح تي به ۽ اجتماعي سطح تي به سخت سوال جنم ڏنا آهن. هڪ پاسي ٻاهرين ملڪن ۾ وڃڻ وارن جو تعداد وڌي رهيو آهي ته ٻئي پاسي ايئرپورٽ تي بنا ڪنهن پڪي ڳالهه جي واپس موٽايل نوجوانن جي اکين ۾ موجود مايوسي هر ڏينهن اسان جي معاشري جي تباهي ۽ بحران جي شدت کي ظاهر ڪري ٿي. ’آف لوڊ‘ ٿيڻ ڪا سادي سرڪاري ڪارروائي ناهي، اهو هڪ اهڙو جهٽڪو بڻجي ويو آهي، جيڪو رڳو انسان جو سفر نہ ٿو روڪي، پر سندس اندر جي دنيا کي به منجمد ڪري ڇڏي ٿو. جيڪو نوجوان مهينن جا مهينا بچت ڪري، قرض کڻي، دوستن کان مدد وٺي يا گهر جي جمع پونجي وڪڻي محنت سان ويزا وٺي، اميدن سان ايئرپورٽ تي پهچي ٿو اهو جڏهن صرف هن ڳالهه تي روڪيو وڃي ته ’آفيسر کي شڪ آهي‘ ته اِهو صرف سفر جو نہ بلڪ اُن جي عزت، اعتماد ۽ خودداري جو به قتل آهي. جيڪڏهن ڪنهن نوجوان وٽ ٽڪيٽ، ويزا، بورڊنگ پاس ۽ سمورو سفري رڪارڊ موجود هجي، پوءِ به کيس روڪي موٽائي ڇڏيو وڃي ته پوءِ آخر هن وٽ ڪهڙو ثبوت بچي ٿو؟ بچي ٿو ته فقط سندس اکين ۾ وهندڙ اُها آخري اميد، جيڪا ايئرپورٽ جي ٿڌين ديوارن سان ٽڪرائيندي هر سيڪنڊ ٽٽي پوي ٿي.

هن مسئلي جي سنجيدگي هاڻي اها حد پار ڪري وئي آهي جو ان کي رڳو ڪجهه فراڊ ايجنٽن تي الزام وجهي بچائي نٿو سگهجي. اصل ڳالهه اِها آهي ته نوجوانن جو وڏو حصو ملڪ ۾ وڌندڙ بيروزگاري، معاشي غير يقيني، تعليم جو خراب ماحول، وڌندڙ ڏوهن، سياسي انتشار ۽ ماڻهن ۾ پيدا ٿيندڙ بي اعتمادي سبب مجبور ٿي پرديس وڃڻ جو رستو اختيار ڪري رهيو آهي. جڏهن رياست نوجوانن کي روزگار نہ ڏئي سگهي، تحفظ نہ ڏئي سگهي، سهولتون نہ ڏئي سگهي ۽ انصاف نہ ڏئي سگهي، تڏهن پوءِ ماڻهن جو پرديس وڃڻ کي ’غلط ڪم‘ يا ’ڏوهه‘ چوڻ ڪهڙي عقل جي ڳالهه آهي؟ تاريخ ٻڌائي ٿي ته جڏهن به ڪا رياست پنهنجي نوجوان نسل کي موقعا ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي وڃي، تڏهن اُتي هجرت وڌندي آهي. ماڻهن کي ٻاهر وڃڻ کان روڪڻ جو طريقو بارڊر سخت ڪرڻ نہ هوندو آهي. اصل حل اهو هوندو آهي ته معاشرو مضبوط ڪيو وڃي، ماڻهن کي عزت، تحفظ ۽ روزگار ڏنو وڃي، پوءِ ئي هجرت گهٽجي سگهي ٿي. نوجوانن کي جهاز مان لاهي واپس موٽائڻ (آف لوڊ ڪرڻ) جو سڀ کان گهرو اثر معاشرتي زندگي تي پيو آهي. هڪڙو خاندان پنهنجي سڄي جمع پونجي، پنهنجون اميدون هڪ نوجوان جي هٿ ۾ ڏئي ٿو ته هو ٻاهر وڃي ڪمائيندو، گهر جا حال سڌاريندو، ڀيڻ جي شادي ٿيندي، ننڍن ڀائرن جي پڙهائي ٿي سگهندي. پر جڏهن اهو ئي نوجوان بنا ڪنهن غلطي جي مايوس ٿي واپس گهر موٽندو آهي ته هو اڪيلو ڪونہ هوندو آهي، ساڻس گڏ والدين جون اميدون، ڀيڻن جا سپنا ۽ سڄي خاندان جي سالن جي محنت به مايوسيءَ جي شڪل ۾ گهر ۾ داخل ٿيندي آهي. والدين جي اکين ۾ لاچار سوال هوندا آهن: ’ڇا ٿيو؟ ڇو ٿيو؟‘ پر نوجوان پاڻ به نٿو ڄاڻي ته سندس قصور آخر ڪهڙو هو؟ هڪ ٻيو ڏکيو پاسو به آهي: ٻاهرين ملڪن ۾ ڪمائڻ لاءِ ويندڙ گهڻا نوجوان اصل ۾ پاڪستان جي معيشت جو وڏو سهارو آهن. اهي پرديس ۾ سخت محنت ڪن ٿا، هزارين لکين رپيا ٽيڪس ڏين ٿا، ملڪ لاءِ زرِ مبادله موڪلين ٿا، جنهن سان معيشت جو ڍانچو بيٺو آهي. پر افسوس جي ڳالهه اِها آهي ته ايئرپورٽ تي سڀ کان وڌيڪ ذلت، بدتميزي ۽ تذليل به انهن ئي نوجوانن سان ڪئي وڃي ٿي. انهن سان، جيڪي ملڪ لاءِ ڪمائين ٿا، پر بدلي ۾ عزت به نٿا حاصل ڪري سگهن.

آف لوڊ ڪرڻ جو عمل گهڻو ڪري انهيءَ شڪ تي ٻڌل هوندو آهي، جيڪو ڪنهن قانون يا ضابطي ۾ نٿو اچي، پر رڳو ڪنهن آفيسر جي ذهني حالت، مزاج يا پنهنجي سوچ جو نتيجو هوندو آهي. ڪڏهن آفيسر کي لڳندو آهي ته شايد نوجوان غيرقانوني طريقي سان ٻاهر وڃڻ ٿو چاهي، ڪڏهن هن کي شڪ ٿيندو آهي ته ويزا جعلي هجي، ته ڪڏهن هن جي نظر ۾ مسافر جي شڪل ئي ’مشڪوڪ‘ لڳندي آهي. اهڙو رويو نه رڳو غيرقانوني ۽ غيرآئيني آهي، پر انساني عزتِ نفس جي توهين به آهي. دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ اميگريشن جو سڄو عمل مڪمل طور تي ڊيٽا، رڪارڊ ۽ ثبوتن تي هلندو آهي. اتي آفيسر شڪ يا موڊ تي نہ، پر پڪا ثبوت ڏسي فيصلو ڪري ٿو. هن سڄي بحران هڪ ٻيو خطري وارو رجحان پيدا ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهو آهي نوجوانن جي رياست تي وڌندڙ بي اعتمادي. جڏهن هڪ قابل، پڙهيل لکيل، محنتي نوجوان ملڪ اندر پنهنجي لاءِ ڪا جڳهه، ڪو مستقبل نٿو ڏسي، پوءِ ٻاهر وڃڻ چاهي ٿو ۽ اتي به کيس شڪ جي بنياد تي روڪيو وڃي ٿو. ته پوءِ اهو نوجوان رياست کي پنهنجو سمجهي ئي ڪونہ ٿو سگهي. اهڙي بي اعتمادي تمام خطرناڪ هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته نوجوان ئي ڪنهن به ملڪ جو مستقبل هوندا آهن ۽ جڏهن مستقبل پاڻ رياست کان بدگمان ٿي وڃي ته پوءِ ملڪ جي رهنمائي، رخ ۽ سوچ ئي بدلجي ويندي آهي. هاڻي ضرورت انهيءَ ڳالهه جي آهي ته آف لوڊ ڪرڻ جا قانون مڪمل طور شفاف هجن ۽ مڪمل طور تي قانون جي حدن اندر هجن. اميگريشن عملو جديد انداز سان تربيت يافته هجي، انهن جي روين ۾ نرمي، سمجهه، پيشيورانه سوچ ۽ ماڻهن سان مناسب سلوڪ شامل ڪيو وڃي. نوجوانن جا پاسپورٽ، ويزا ۽ ٻيون سفري دستاويزون بنا شڪ شبهي جي مڪمل قانوني حيثيت سان قبول ڪيون وڃن. هر آف لوڊ ٿيل ڪيس جو واضح رڪارڊ رکيو وڃي، سبب، ثبوت ۽ مڪمل لکيل ڪاغذن سان. ته جيئن مسافر کي خود به خبر پوي ته کيس ڇو روڪيو ويو. مسافر کي اپيل جو مڪمل حق ڏنو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي بغير دليل جي روڪيو وڃي ته ان آفيسر خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. رياست جو ڪم شڪ جي بنياد تي شهرين جا رستا بند ڪرڻ نہ آهي، رياست جو اصل فرض آهي ته ماڻهن کي محفوظ، قانوني ۽ عزت ڀريو سفر مهيا ڪري. هي مسئلو عارضي يا ڏينهن ٻن جو ناهي، بلڪ هي ملڪ جي مستقبل ۽ قومي ترجيحن جو وڏو امتحان آهي. جيڪڏهن اسان نوجوانن کي تحفظ ڏيون، انهن جو ڀروسو ٻيهر قائم ڪريون ۽ پرديس وڃڻ جا رستا شفاف ۽ منصفاڻا بڻايون، ته اڄ جو نوجوان سڀاڻي پاڪستان جي معيشت، علم ۽ سماجي ترقي جو سڀ کان وڏو سهارو بڻجي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن اِها بي يقيني، بي اعتمادي ۽ اِهو غير منصفاڻو سلسلو ائين ئي جاري رهيو ته پوءِ پاڪستان جو مستقبل ڏينهون ڏينهن اونداهيءَ جي طرف وڌندو رهندو ۽ افسوس جيڪو نقصان ٿيندو، ايندڙ نسلون شايد اسان کي ڪڏهن به معاف نہ ڪري سگهن.

ايف بي آر، ايندڙ بجيٽ ۽ اسانجي سچائي!

اعجاز ممناڻي

نئين مالي سال جي وفاقي بجيٽ بابت وفاقي حڪومت عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) سان مشاورت جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب آءِ ايم ايف وري نون شرطن تي فنڊ جاري ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. آءِ ايم ايف وفد جلد پاڪستان جو دورو ڪري ناڻي واري وزارت ۽ ٻين معاشي ادارن سان بجيٽ تجويزن کي حتمي شڪل ڏيندو. ايندڙ مالي سال جي لاءِ گڏيل قومي پيداوار (جي ڊي پي) هڪ لک 30 هزار ارب روپين تائين مقرر ڪرڻ جو حدف ڏنو ويو آهي. جڏهن ته ايف بي آر جو روينيو حدف 14 هزار 2 سئو ارب روپيه رکڻ جي تجويز ڏني ويندي، جيڪا جي ڊي پيءَ جو 11 سيڪڙو آهي. هلندڙ مالي سال ۾ ٽيڪس ٽو جي ڊي پي تناسب جو اندازو 10.6 سيڪڙو آهي، جنهن کي ايندڙ مالي سال 11 سيڪڙو تائين وڌائڻ جو حدف ڏنو ويو آهي. گذريل مئي 2025ع جي لاءِ ايف بي آر کي 9 سئو 50 ارب روپين کان وڌيڪ جو روينيو حدف ڏنو ويو هو اهڙي طرح هلندڙ مالي سال جي آخر تائين ايف بي آر جي گڏيل ٽيڪس وصولي 11 هزار 8 سئو ارب روپين تائين رهڻ جو امڪان آهي. ٽيڪس ڪيسز ۾ التوا هيٺ رقم مان 5 سئو ارب روپين جي وصوليءَ جو اندازو لڳايو ويو. پر انهيءَ ڪيسز ۾ ريڪوري نہ ٿيڻ جي صورت ۾ 12 هزار 3 سئو 34 ارب روپين جو نظرثاني ٿيل حدف پورو نہ ٿي سگهيو، جنهن سبب 50 ارب روپين جو شارٽ فال پيدا ٿيو به ڏينهن اڳ ناڻي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جو بيان سامهون آيو. جنهن ۾ هن جو چوڻ هو ته ايندڙ مالي سال جو بجيٽ فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) تيار نہ ڪندو. ناڻي بابت سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جو اجلاس سليم مانڊوي والا جي صدارت هيٺ ٿيو. جنهن ۾ ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب ۽ اٽارني جنرل پڻ موجود هئا. ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ ايف بي آر پاران صدارتي حڪم خلاف اپيل جي معاملي تي بحث ڪيو ويو. ڪميٽيءَ جي چيئرمين سليم مانڊوي والا چيو ته صدارتي حڪم کي چئلينج ڪيو ويو آهي. ايف بي آر ان تي عمل نہ ڪيو آهي. اسان کي صلاح ڏني وئي ته ان بابت ڪميٽيءَ ۾ اٽارني جنرل کي گهرايون. متاثر شهريءَ جي وڪيل چيو ته ايف بي آر صدارتي حڪم کي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو آهي. قانون تحت ايف بي آر کي صدر جي حڪمن جي تعميل ڪرڻي پوندي. ايف بي آر صدر جي حڪمن تي عمل نہ ڪري قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. وفاقي ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب جو چوڻ هو ته آمدنيءَ جي گهٽتائيءَ کي پورو ڪرڻ لاءِ اضافي ٽيڪس نہ لڳايا ويندا. ڪيترائي ٽيڪس ڪيس عدالتن ۾ التوا جو شڪار آهن ۽ انهن کان وصوليءَ جو امڪان آهي. هن چيو ته آءِ ايم ايف سان ڳالهيون مثبت رهيون آهن. موجوده مالي سال جي آخر تائين اسان جي ڊي پي تناسب کي 11 سيڪڙو تائين آڻڻ لاءِ پُرعزم آهيون. پارليامينٽ هائوس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب چيو ته آءِ ايم ايف سان متفق ٿيل هدفن تي مڪمل طور تي عمل ڪيو ويندو. هن سال ٽيڪس کان جي ڊي پي تناسب کي 11 سيڪڙو تائين آڻڻ جو هدف آءِ ايم ايف سان متفق ٿي چڪو آهي ۽ اسان ان لاءِ پُرعزم آهيون. هن چيو ته ٽيڪس ڪيس عدالتن ۾ التوا ۾ آهن. ٽيڪس تڪرار جي ڪيسن مان پيدا ٿيندڙ آمدنيءَ کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪندي. ناڻي وزير موجب ته آمدنيءَ جي گهٽتائيءَ کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪوبه اضافي ٽيڪس نہ لڳايو ويندو ۽ عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) سان جاري ڳالهين ۾ اڳڀرائي ٿي رهي آهي ۽ هاڻي تائين ڳالهيون مثبت رهيون آهن. ان ۾ ڪيتري سچائي آهي ان جو اندازو ملڪ جي ماڻهن جي خوشحاليءَ مان لڳائي سگهجي ٿو ڪنهن مفڪر لکيو آهي ته ”سڀ کان خطرناڪ ڪوڙ اهو آهي، جيڪو انسان پاڻ سان ڳالهائي ٿو.“ اڪثر اسان حقيقت کان بچڻ لاءِ پنهنجي ئي ذهن ۾ اهڙيون ڪهاڻيون ناهيون ٿا، جيڪي ڪجهه لمحن لاءِ سُڪون ته ڏين ٿيون پر ڊگهي عرصي ۾ اسان جي واڌ ويجهه کي تباهه ڪري ڇڏين ٿيون. اصلي طاقت انهيءَ ۾ آهي ته ماڻهو پنهنجي ڪمزورين کي سچائي، پنهنجين خامين کي قبول ڪري ۽ سچائيءَ سان مقابلو ڪري. اهو ئي پهريون قدم آهي، جيڪو انسان کي خود فريبيءَ مان ڪڍي حقيقي شعور ۽ طاقت ڏانهن وٺي وڃي ٿو. پنهنجي پاڻ سان سچ ڳالهائڻ بيشڪ تڪليف ڏيندڙ آهي پر آزادي ۽ ڪاميابيءَ جو بنياد به ان ئي سچائيءَ تي رکيل آهي.

International day for the elimination of violence against women

سوشل ميڊيا تي ٿيندڙ تشدد

سميرا مختيار

عورت جي وجود جو هجڻ دنيا ۾ سونهن وڌائڻ جي برابر هو پر گذريل ٻن ڏهاڪن کان جيڪو ڪجهه عورت ذات سان ٿي رهيو آهي سو تمام شرمناڪ آهي. عورت ته ازل کان ئي بي مول رهي آهي، نہ ان جو ڪو مقام نہ ڪو مستقبل. عورت جي وجود سان گهر جي رونق آهي، جنهن جي ضرورت ۽ اهميت هڪ حقيقت آهي، پر افسوس جو اڄ عورت جو وجود رڳو تذليل لائق رهجي ويو آهي. روزانه ڪا نہ ڪا خبر سامهون اچي ٿي، جنهن ۾ عورت ذات کي تشدت جو نشانو بڻايو پيو وڃي، ڪٿي ان کي ساڙيو پيو وڃي، ان کي حوس جو نشانو بڻايو پيو وڃي ۽ ان جي بار بار تذليل ڪئي پئي وڃي، ڪٿي ڪاري ڪري ماري ٿي ته ڪٿي حوس جو شڪار ٿي ماري وڃي ٿي ۽ ڪٿي هو پاڻ حالتن کان مايوس ٿي زهر کائي ٿي ته ڪٿي درياهه ۾ ٽپ ڏئي زندگيءَ جو خاتمو ڪري ٿي، پر پوءِ به سندس آزمائش ختم نٿي ٿئي.

گذريل ڪجهه مهينن جي ئي ڳالهه ڪجي ته رڳو پاڪستان ۾ عورت ذات کي جيئن لتاڙيو ويو آهي، سو افسوسناڪ آهي. ڪاري ٿي مارجڻ ته هڪ روايت بڻجي وئي آئي، جنهن جي خلاف ڪير ڪجهه به نٿو ڪڇي، ڀلي ڪيترائي قانون ناهي منظور ڪيا وڃن پر نہ انهن تي عمل ٿيندو نہ ئي ڪاريءَ جي نالي تي عورت جي موت جو سلسلو ختم ٿيندو.

عورت مردن جي معاشري ۾ اڃا تائين پنهنجي حيثيت مڃائڻ ۾ ناڪام رهي آهي ۽ مرد نہ رڳو عورت جي وجود جو مالڪ رهي ٿو پر سندس زندگيءَ جو فيصلو ڪرڻ جو حق به پاڻ رکي ٿو. عورت کي ڪڏهن غيرت جي نالي تي مرڻو آهي ته ڪڏهن غيرت جي نالي تي پاڻ ٻوڙڻو آهي. ڪڏهن ٻارن سميت ڦاهو ڪائڻو آهي ته ڪٿي وري ممتا کي ماري ٻارن کي وڪرو ڪرڻو پيو آهي. مطلب ته هر حال ۾ مظلوميت جو شڪار رهي ٿي. اهو مسئلو رڳو غريب ملڪن ۾ ئي نہ آهي پر دنيا جي هر ملڪ ۾ عورت سان ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ڏاڍ ظلم زيادتي ٿي رهي آهي، پر ترقي يافته ملڪن ۾ پابندي هجڻ سبب انهن جون خبرون منظر عام تي نٿيون اچن ته جيئن انهن جي ملڪن جي عزت تي ڪو داغ نہ لڳي. جڏهن ته اسان جي غريب ملڪن ۾ ماڻهن وٽ نہ روزگار نہ تفريح ۽ نہ وري ڪا خاص ذميواري. سو انهن حلتن ۾ ڪجهه نہ ڪرڻو آهي، نہ تہ پوءِ عورت جي وجود جو ڇونہ استحصال ڪجي.

عورت جيڪا پنهنجي ذات کي وساري ٻين لاءِ پنهنجو وجود وقف ڪري ٿي، سا بار بار تذليل، حوس، تشدد ۽ ذهني اذيت جو نشانو بڻجي ٿي. اسين رڳو پاڪستان جي ڳالهه ڪيون ته اسان کي واضح تصوير نظر ايندي، هتن ٻن ڏهاڪن ۾ عورت جي ڇا عزت، حيثيت ۽ اهميت رهي آهي؟ اهڙا ڪوڙ سارا واقعا جنهن ۾ عورت سان ٿيندڙ ظلم زيادتي ۽ ڏاڍ روز ميڊيا وسيلي سامهون اچن ٿا، جنهن تي اسين افسوس ڏک يا تبصرو ڪري وساري ڇڏيون ٿا، ان مان اسان جي بي حسي صاف نظر اچي ٿي.

20 ڊسمبر 1993 تي، جنرل اسيمبلي قرارداد 48/104 ذريعي عورتن خلاف تشدد جي خاتمي بابت اعلان ڪيو ويو، جنهن سان سڄي دنيا ۾ عورتن ۽ ڇوڪرين خلاف تشدد جي خاتمي جو رستو هموار ٿيو ۽ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ان جي حمايت ڪئي ۽ باقاعده عورت تي تشدت کي قانوني ڏوهه قرار ڏنو ويو. پر پوءِ به اهو سلسلو جاري رهيو. آخرڪار، 7 فيبروري 2000 تي، جنرل اسيمبليءَ قرارداد منظور ڪئي، جنهن ۾ سرڪاري طور تي 25 نومبر کي عورتن خلاف تشدد جي خاتمي لاءِ بين الاقوامي ڏينهن طور نامزد ڪيو ويو ۽ ائين ڪندي، حڪومتن، بين الاقوامي تنظيمن ۽ اين جي اوز کي دعوت ڏني ته اهي گڏجي هر سال ان تاريخ تي عوامي شعور کي وڌائڻ لاءِ ٺهيل سرگرمين کي منظم ڪن.

سوشل ميڊيا هڪ اهڙو خطرناڪ هٿيار آهي جنهن ۾ جيڪو داخل ٿيو سو وري نہ نڪتو ان ڪري سوشل ميڊيا وسيلي گهڻا جرم ٿين ٿا. ڌوڪو بي ايماني، ڪوڙ نہ عام آهن پر ان تي عورت سان گهڻو ڪجهه غلط ٿئي ٿو خاص ڪري بدسلوڪي، عورتن ۽ ڇوڪرين کي ڇڪڻ، تنگ ڪرڻ ۽ بدسلوڪي ڪرڻ لاءِ ڊجيٽل اوزارن جو استعمال وڌي رهيو آهي. هن سال گڏيل قومن جي اداري پاران سڀني عورتن ۽ ڇوڪرين خلاف ڊجيٽل تشدد کي ختم ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ کي مهم بڻايو ويو آهي. دنيا ۾ بدسلوڪي جي تيز ترين ترقي ڪندڙ شڪلين مان هڪ ’ڊجيٽل تشدد‘ ۾ آن لائن هراساني، اسٽالنگ، صنفي غلط معلومات، ڊيپ فيڪس ۽ غير رضامندي سان ذاتي تصويرن جي شيئرنگ شامل آهن. اهي سڀ ٽيڪنالاجي جي ترقيءَ جيان تيزي سان وڌي رهيا آهن.

عورت سان جڏهن زيادتي ٿئي ٿي ته اها نہ رڳو جسماني موت مري ٿي پر ذهني ۽ نفسياتي طور به ختم ٿي وڃي ٿي. پوءِ سموري زندگي ان سان گڏ سندس گهرڀاتين کي به بار بار مرڻو پوي ٿو. هن دور ۾ هڪ سيڪنڊ ۾ خبر سموري دنيا ۾ پکڙجي وڃي ٿي. سوشل ميڊيا ايڏي تڪڙي آهي جو ريپ ٿيڻ واريءَ جو فوٽو ۽ تفصيل جهٽ اچيو وڃي، جڏهن ته ريپ ڪندڙ جيستائين جهلجي تيستائين ته قصو ئي پراڻو ٿيو وڃي يا ٻيو واقعو ٿيو پوي. پوءِ افسوس ڪرڻ وارا، دانهون ڪرڻ وارا ۽ ازالو ڪري ڏيڻ وارا يا ته گم ٿيو وڃن يا وري نئين ڪيس ۾ لڳيو وڃن. يعني هڪ ڪيس اڃان پڄاڻيءَ تي نٿو رسي ته ٻيو ظاهر ٿيو پوي ۽ هڪ نئين واويلا شروع ٿيو پئي.

اسين به اهڙن واقعن کي هڪ عام خبر وانگي ٻڌي ٽي وي جو چينل مٽايو ڇڏيون يا ته ڳاريون ڏئي ماٺ ڪري ويهي ٿا رهون. انهن واقعن جي روڪٿام لاءِ ڪجهه ڪري به نٿا سگهون. پر سڀ واقعا حوس پرستي به نہ آهن. ڪجهه ۾ ذاتي دشمني تہ ڪجهه ۾ دوستي ۽ وري ڪجهه ۾ ڪوڙ به شامل آهي

هن دور ۾ هر شي جديد ٿي وئي آهي عام طرز زندگي تبديل ٿي وئي آهي، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو گڏ گهمڻ ڦرڻ يا دوستي رکڻ عام ڳالهه سمجهي وڃي ٿي ته پوءِ انهن دوستين جو انجام ڇا ٿو ٿئي؟ اهو ڪيترن ئي واقعن جي صورت ۾ اسان جي سامهون اچي چُڪو آهي.

تنهنڪري ضروري آهي تہ سوشل ميڊيا تي عورتن کي نہ رڳو تحفظ ڏنو وڃي پر سوشل ميڊيا تي عورت تي تشدد ڪندڙ کي سخت سزا پڻ ڏني وڃي. نہ تہ عورت سوشل ميڊيا جو استعمال ترڪ ڪري جهالت جي اونداهيءَ ۾ وڃي ويهي رهي ۽ اسان جو معاشرو هڪ سٺي قوم ۽ سٺي ماءُ کان محروم ٿي ويندو. فيصلو اسان جي هٿ ۾ آهي ته عورت تي هر قسم جو تشدد ختم ڪري کيس جيئڻ جو حق ڏيون.

لطيفي لات — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

گِهڙي گَهڙو هَٽِ ڪري، اِلاهِي تُهارَ!
جَنگهه جَرڪي واٽَ ۾ سِيءَ ڪي سيسارَ؛
ڇُوڙا ٻيڙا چِڪَ ۾، لُڙَ ۾ لُڙهيَس وارَ؛
لَکين ڇُهتيسِ لوهِڙيُون، ٽيلهيُون ٽُرنٽُون ڏارَ؛
مِڙيا مَڇَ هزارَ، ياڳا ٿِيندِي سُهڻِي.

(سُر سهڻي)

عبرت پوسٽ — Ibrat Post

خط: جي متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

شهر جي معيشت کي بہ مضبوط ڪندو روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪندو

(غلام مصطفيٰ جمالي، بدين)

لاڙڪاڻي جي ڪوثر مل اسڪول جي عمارت ڪڏهن ٺهندي؟

دادو جي سرڪاري ڪاٽن ۾ ڪرپشن جو نوٽيس ورتو وڃي!

نيشنل بئنڪ دادو سميت ڪو بہ وفاقي توڙي صوبائي ادارو اهڙو نہ آهي، جتي ڪرپشن نہ ٿيندي هجي. دادو ۾ سرڪار جا سڀ ادارا عوام کي سهولتون ڏيڻ ۾ ناڪام بڻجي چڪا آهن. ڪرپشن اهوڻ آهي ...

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشاد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 110 سال 2025

مسمات ميڊم ڌيءُ محمد انور تنگڙي زال محبوب ذات تنگڙي ڳوٺ سومرو تنگڙي فضل پنيرو تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص.....پلينٽف...خلاف: محبوب علي پٽ بچو تنگڙي ڳوٺ سومرو تنگڙي فضل پنيرو تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 03-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشاد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 105 سال 2025

مسمات سلميٰ ڌيءُ ڪريم بخش زال خالد ذات تنگڙي ڳوٺ فقير شير محمد ديهه فضل پنيرو تعلقو جهڏو ميرپورخاص...پلينٽف...خلاف: خالد پٽ حسن تنگڙي ذات تنگڙي ڳوٺ ان محمد تنگڙي ديهه آهوري تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص... ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 03-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشاد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 72 سال 2025

مسمات نازيه ڌيءُ محمد ملاح زال مرتضيٰ ذات ملاح ڳوٺ شاهه زمان راجپوت ديهه-201 تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص....پلينٽف...خلاف: مرتضيٰ پٽ الهه جڙيو ذات ملاح رهندڙ شاهه زمان راجپوت ديهه-201 تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 89 سال 2025

نذير احمد پٽ محمد اصغر رهندڙ ڳوٺ نيو ڪراچي ديهه-124 بي.او 12 ميل تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص...پلينٽف...خلاف: مسمات سونيه ڌيءُ محمد يامين رهندڙ ڳوٺ نور محمد حوالدار، دارو ڪي پي.او ڏگانو بوزدار تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ريسٽيٽيوشن آف ڪانجوگل رائيٽس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي.ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-II هالا
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر07 سال 2025

عبدالوڪيل پٽ حاجي احسان موبائل نمبر 03453751892 ذات جمالي رهندڙ ڳوٺ شير خان جمالي يو سي سڪندر آباد تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري....ايپليڪينٽ...خلاف (1) نوشين ڌيءُ مريد خان زال عبدالوڪيل جمالي (2) مختيارڪار (آر) سعيد آباد (3) اسسٽنٽ ڪمشنر/ لينڊ اڪيوزيشن ڪليڪٽر سعيد آباد (4) نادرا سينٽر ايٽ سعيد آباد ٽائون (5) يونين ڪائونسل سڪندر آباد (6) پبلڪ ايٽ لارج.... آپونينٽس (1): عبدالباسط پٽ عبدالوڪيل عمر اٽڪل 06 سال ....مائنر

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف گارڊين شپ ايپليڪيشن انڊر سيڪشن 7، 10 ۽ 29 آف گارڊين اينڊ واردس ايڪٽ 1890 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ فيملي جج-II هالا

ڪورٽ نوٽيس

سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر273 سال 2024

مظهر علي پٽ مرحوم غلام حيدر پنهور...پلينٽف...خلاف: (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نادرا اسلام آباد (3) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد (4) اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهه (5) مختيارڪار (روينيو) نوابشاهه (6) سب رجسٽرار نوابشاهه (7) تپيدار تعلقو نوابشاهه (8) سيڪريٽري يوسي-10 H.M خوجه نوابشاهه (9) مئنيجر نيشنل بينڪ آف پاڪستان مين برانچ سڪرنڊ روڊ نوابشاهه (10) مسمات ڪوثر بيواهه غلام حيدر پنهور رهندڙ گلشن پٺائي ڪالوني نوابشاهه. (11) غلام مرتضيٰ پٽ محمد هاشم هاشم پنهور رهندڙ ڳوٺ الهه ورايو پنهور پي.او ارين بينظير آباد ضلعو نوشهروفيروز....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ايڊمنسٽريشن ڊڪليئريشن، ڪينسليشن، پارٽيشن اينڊ پرمننٽ انجنڪشن يو/او VII رول 1 سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج-II نوابشاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-III حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر...... سال 2025

مسمات عائشه ڌيءُ نواب خان زال محمد اسلم مسلمبالغ رهندڙ پلاٽ نمبر B-24 الرحيم ولاز قاسم آباد حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: محمد اسلم قريشي پٽ محمد اسماعيل مسلم بالغ رهندڙ مورو ناڪا ضلعو دادو....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس، رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز ميڊيڪل لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج-III حيدرآباد

عام اطلاع

هن اشتهار ذريعي سيني ماڻهن کي اطلاع ٿو ڪجي ته مسمات حسنه ڌيءُ احمد خان پنهور مختيارڪار (روينيو) خيرپورناٿن شاهه کي درخواست ڏني آهي ته مسمات حسنه پنهور جي ماءُ نالي مسمات جيئندي ڌيءُ اميد علي پنهور کي ديهه چنڊڻ ٽپو-اي مير محمد تعلقو خيرپورناٿن شاهه ۾ زرعي زمين آهي ۽ مسمات جيئندي ڌيءُ اميد علي پنهور فوت ٿي چڪي آهي. نالي رسول بخش پنهور فوت ٿيڻ جي صورت ۾ مسمات جيئندي جي شادي ڪئي نالي احمد خان پنهور سان جيڪو پڻ فوت ٿي چڪو آهي پهرين مڙس رسول بخش مان فقط هڪ پٽ نالي ٿوهه ولد رسول بخش اٿس ۽ ٻيو ڪوبه اولاد نه اٿس ۽ ٻئين مڙس نالي احمد خان پنهور مان اولاد اٿس (1) ڪالو ولد احمد خان پنهور (2) حسنه زال احمد خان پنهور (3) ٿوهه ولد رسول بخش پنهور. جيئندي جا وارث: ڪوبه وارث آهي ته يا ڪنهن کي انهن کان علاوه ٻيو 07 ڏينهن ۾ پنهنجو اعتراض مختيارڪار آفيس خيرپورناٿن شاهه ۾ جمع ڪرائيندا. 07 ڏينهن کان بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو.

مختيارڪار (روينيو) خيرپورناٿن شاهه

ڪورٽ نوٽيس

سول جج اينڊ جي.ايم-IVth حيدرآباد
ڪرمنل مسڪ ايپليڪيشن نمبر.... سال 2025

شعيب پٽ محمد اختر...ايپليڪينٽ...خلاف: دي اسٽيٽ...آپونينٽس

دي جنرل پبلڪ ايٽ لارج:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ زير قلم A-516 سي آر پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي گاڏي جي وصولي لاءِ ٽويوٽا ڪرولا رجسٽريشن نمبر BPF-238 چيچس نمبر ZTRE-17-6030809 انجڻ نمبر Q053310 ماڊل 2018 . تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي.ايم-IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج VIIحيدرآباد
سڪسيشن درخواست 217 سال 2025

انيلا ۽ ٻيا...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) نيشنل ڊيٽا بيس اينڊ رجسٽريشن اٿارٽي معرفت رجسٽرار جنرل آف پاڪستان (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....ريسپونڊنٽس

نالي مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 تحت داخل ڪئي آهي. سڪسيشن سرٽفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج VIIحيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ سال 2025

مسمات سنڌو پنهور...پلينٽف ...خلاف: محمد جاويد ولد عبدالڪريم پنهور رهندڙ ڳوٺ ڪمال خان پنهور ضلعو دادو هي ايڊريس خدا جي بستي نمبر 03 ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو...ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ساڻ هي درخواست زير قلم A-17 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

عام اطلاع

مسمات فاطمه (ڌي) ، عائشه (ڌي)، مهر النساء رخير (ڌي)، زيب النساء (ڌي)، جنت (ڌي)، مسمات بيبي زهران (پيڻ)، سجل شاهه (سئوٽ جو پٽ)، سيد عبدالستار شاهه (سئوٽ جو پٽ)، سيد عالم شاهه (سئوٽ جو پٽ)، سيد ممتاز علي (سئوٽ جو پٽ)، مشتاق (سئوٽ جو پٽ)، نواز علي (سئوٽ جو پٽ)، فوتڻ بيبي زهران ڌي سيد بلاول شاهه جيڪو مورخه19.12.2017 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: سجل شاهه (سئوٽ جو پٽ)، سيد عبدالستار شاهه (سئوٽ جو پٽ)، سيد عالم شاهه (سئوٽ جو پٽ)، سيد ممتاز علي (سئوٽ جو پٽ)، مشتاق (سئوٽ جو پٽ)، نواز علي (سئوٽ جو پٽ)، فوتي عالم شاهه ولد لڪاڏنو شاهه جيڪو مورخه 05.04.2019 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: مسمات روبينه (ڌي)، نصرت شاهه (ڌي)، عشرت (ڌي)، صائمه (ڌي)، مسمات صابل (پيڻ)، سجل شاهه (ڀاءُ)، سيد عبدالستار شاهه (ڀاءُ) . فوتڻ مسمات جنت زال رسول بخش شاهه جيڪو مورخه 27.12.2020 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: مسمات نجمه (ڌي)، رقيه شاهه (ڌي)، ناهيد بيبي (ڌي)، ثريا بيبي (ڌي)، فاطمه (پيڻ)، عائشه رضيه (پيڻ)، مسمات مهرالنساء رضيه (پيڻ)، زيب النساء (پيڻ)، سجل شاهه (سئوٽ جو پٽ)، سيد عبدالستار شاهه (سئوٽ جو پٽ)، [illegible]

ٽنڊوڄام: ڊيٽا ٽول انتظاميا مقامي ماڻهن کان اوڳاڙي شروع ڪري ڇڏي، احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

مظاهرين حيدرآباد-ميرپورخاص روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، اينڊڙ ويندڙ گاڏين جو قطارون لڳي ويون

سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي ڪجهه وقت عملدرآمد ڪيو ويو پر هاڻي مقامي رهواسين کان زبردستي ٽيڪس اوڳاڙي ڪئي پئي وڃي:مظاهرين

ٽي ڪلاڪ بعد ڊي ايس پي ٽنڊوڄام احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪري مسئلو حل ڪرائڻ جي خاطري تي روڊ کولرايو

ٽنڊوڄام(ن ر) ڊيٽا ٽول انتظاميه جو مقامي ماڻهن کان ڏنڊي جي زور تي ٽيڪس اوڳاڙي شروع، مقامي رهواسين جو ٽول پلازه وٽ حيدرآباد ميرپورخاص روڊ تي ڌرڻو روڊ بلاڪ خبر موجب حيدرآباد ميرپورخاص روڊ
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: ڊيٽا ٽول انتظاميا خلاف مقامي رهواسي احتجاجي ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

"ٻڪريون کپايو ۽ مونکي بچايو" راهوڪي واسي اغوا، هڪ ڪروڙ پنڪ طلب

چڪ 12 ڳوٺ الاهي بخش ڪوسو واسي عمر ڪوسو عورتاڻي آواز تي هرڪجي اغوا ٿي ويو

نوجوان جي سوشل ميڊيا تي ويڊيو وائرل، ڌاڙيلن پاران وارثن کان هڪ ڪروڙ رپين جو مطالبو

معاملي جو فوري نوٽيس وٺي عمر ڪوسو کي باحفاظت بازياب ڪرايو وڃي:سڄاڻ ڌريون

گولاڙچي(ن ر) شهيد فاضل راهو تعلقي جي ٽنڊڪي راهوڪي جي چڪ 12 جي ڳوٺ الاهي بخش ڪوسو ۾ پورهيت عمر ڪوسو جي اغوا ٿيڻ واري خبر علائقي ۾ ڌهڪاءُ پيدا ڪري ڇڏيو آهي اغوا ٿيل نوجوان جي ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي آهي جنهن ۾ هو دهشتزده حالت ۾ جان بخشي جي اپيل ڪري رهيو آهي. واقعي بابت علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ عورت جو مڙس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو مطالبو

هالا (ن ر) هالا جي روشن پيراڏائيز ڪالوني جي رهواسي عورت پاران مڙس ۽ سندس ساٿين جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب تي احتجاج ڪيو ويو. مسمات فهميده کوکر پنهنجي معصوم پٽ ۽ ٻن ڌيئين سان گڏ پنهنجي مڙس
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪورواهه جي بنيادي مسئلن جي حل ۽ يوسي چيئرمين خلاف علامتي بک هڙتال

ايس ٽي پي پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ٽن ڏينهن لاءِ علامتي بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي وئي

پندرهن سالن کان يونين ڪائونسل ڪورواهه ۾ ٽڪي جو به ترقياتي ڪم ناهي ڪرايو ويو: مظاهرين

12 لک ماهوار بجيٽ هڻڻ باوجود چيئرمين پنهنجي ذاتي بنگلن تي خرچ ڪري رهيو آهي، اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺن

ڪورواهه(رپورٽ: غلام علي مغل) ڪورواهه شهر جي بنيادي مسئلن جي حل ۽ يوسي چيئرمين جي مبينا ڪرپشن خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي يونٽ ڪورواهه پاران ابوبڪر ڪڇي مصطفيٰ ڪنڀار اڪبر ڪو
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سکر: خيرپور واسي اعجاز سيال تفصيل ٻڌائي رهيو آهي

سکر ۾ عورت مزدورن جي استحصال جو ڪمشنر نوٽيس ورتو، جاچ ڪميٽي قائم

چوهارا مارڪيٽ ۾ عورت مزدورن سان مبينا استحصال، جنسي هراسان ڪرڻ جي جاچ لاءِ اي سي پهتو

سارا فراز ٽيم سان گڏ مارڪيٽ جو دورو ڪري صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو

سکر(بيورو رپورٽ) چوهارا مارڪيٽ ۾ عورت مزدورن جي استحصال جو ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم نوٽيس، اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي سارا فراز جو دورو معاملن جي جاچ ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم پاران آغا قادر داد چوهارا مارڪيٽ ۾ عورت مزدورن سان مبينا استحصال جنسي هراسان ۽ ٻين مسئلن جو نوٽيس وٺڻ کان پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي (وومين
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران 4 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر(بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي سکر پوليس جو سماجي برائين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري، وڌيڪ 04 جوابدار گرفتار.ترجمان سکر پوليس طرفان جاري ڪيل بيان موجب ايس ايڇ او روهڙي ٿاڻو
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

استاد عزيز جکرو ڪيس جو مک جوابدار اڳوڻو ايس ايڇ او سانگهڙ ڪورٽ ۾ پيش

مقتول جي وارثن پاران ڪيس کي اڳتي وڌائڻ لاءِ وقت گهرڻ تي عدالت تاريخ ڏني

ڪيس ۾ نامزد ٻه پوليس اهلڪار جي پڻ 3 ڊسمبر تائين عبوري ضمانت منظور

شهدادپور (ن ع) استاد عزيز جکرو ڪيس جو مک جوابدار اڳوڻو ايس ايڇ او شبير دلواڻي سيشن ڪورٽ سانگهڙ ۾ پيش، وارثن جي درخواست تي اينڊ ٻڌڻي 3 ڊسمبر تي مقرر ڪئي وئي آهي جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد ٻه پوليس اهلڪار جي پڻ 3 ڊسمبر تائين عبوري ضمانت منظور شهدادپور ۾ پوليس حراست دوران مبينا تشدد سبب فوت ٿيل اسڪول هيڊ
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

شهدادپور جي عدالت پاران ٻن ايس ايڇ اوز خلاف ڪيس داخل ڪرائڻ جو حڪم

شهدادپور(ن ع) شهدادپور جي ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت جج شاهد علي ميمڻ سوشل ورڪر دلدار علي زرداري جي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

فريد آباد: عوامي پورهيت تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ جي اين ڪوسو ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت ٻيو زخمي

سهتا پيٽرول پمپ وٽ حادثي ۾ سبز علي مري ٿلڏي تي فوت ۽ فوجي اوشاق علي مري زخمي ٿي پيو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارث ڪلتائي ڳوٺ چاڪر مري پهتا ته پاتين ۾ ڪهرام مچي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي ٽرالر ۽ ڊرائيور کي تحويل ۾ وٺي لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو

ڪوٽڙي محمد ڪبير (رپورٽ: مولابخش ٿيبو) ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ سهتا پيٽرول پمپ لڳ تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر نتيجي ۾ ڳوٺ چاڪر خان مري واسي سبز علي مري ٿلڏي تي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ حدن جي آپريشن سان عوام جو انتظاميا تي اعتماد وڌي پيو:ڊي سي

غير قانوني قبضن ايل پي جي ۽ ڦٽاڪا فيڪٽرين خلاف ڪارروائيون وڌيڪ تيز ڪيون وڃن

حيدرآباد ۾ 9 ڦٽاڪا فيڪٽريون آهن، جنهن مان 6 لائسنس رکندڙ ۽ 3 غير قانوني آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ جي صدارت هيٺ حدخلين جي خاتمي ايل پي جي جي غيرقانوني رڪري ۽ ڦٽاڪن جي تيارين خلاف جاري آپريشن جي حوالي سان هڪ اهم اجلاس شهباز هال حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو _ اجلاس ۾ ايس ايس پي حيدرآباد عديل چانڊيو ، اي سي لطيف آباد سعود احمداي سي سٽي بابر صالح راهپوٽو اي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

بوزدار وڏا پوليس پاران ٻن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

بوزدار وڏا (ن ع) بوزدار وڏا پوليس ٿاڻي جي ايس ايڇ او آغا عابد علي خان پٺاڻ سپاهه سميت بوزدار وڏا ٺري ميرواه لنڪ روڊ سان گشت دوران درگاهه ڳاڙهي پير سامهون جوابدار فرمان علي ولد لياقت علي پٽي راجپوت کي گرفتار ڪري تلاشي دوران هڪ ڪلو 90 گرام چرس هٿ ڪري گرفتار ڪرڻ جي دعوي پوليس
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

بدين: ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

شهدادپور روينيو کاتي جو تپيدار لاڏاڻو ڪري ويو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور روينيو کاتي جو تپيدار امير حمزو هنگورو ڪجهه وقت بيمار رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ڪيس سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ڳوٺ سومر فقير هنگورو ۾ مٽي
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ شهري کان لکين رپيا ڦريندڙ عورتن جو گروهه سوگهو، رقم مالڪ حوالي

شهري قمردين ميراڻي بينڪ مان 5 لک رپيا ڪيرائي ٻاهر نڪتو ته عورتن کيسي مان رقم ڪڍي ورتي

بروقت اطلاع تي پوليس پهچي عورتن کي گرفتار ڪري شهري جي رقم هٿ ڪري مالڪ حوالي ڪئي

گرفتار ٿيل ثانيه، شهزادي، زرينه، سائره، وحيده ۽ دعا ڪوسو مٿان سٽي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

پنوعاقل(رپورٽ اعجاز جهنڊير)پنوعاقل سٽي ٿاڻي جي حد ۾ شهرين کي ڦريندڙ ڇهن عورتن جو گروهه کي پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي گرفتار ڪري ورتو گرفتار عورتن جي قبضن مان چوري ڪيل پنج
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو تعليمي بورڊ پاران پاڪستان انٽر بورڊ گرلس بيڊمنٽن چيمپئن شپ منعقد

رنگا رنگي تقريب جو افتتاح تعليمي بورڊ جي چيئرمين خالد حسين مهر ۽ ٻين ڪيو

چيمپئن شپ ۾ اسلام آباد، مالاڪنڊ، لاهور سميت سنڌ جي مختلف شهرن جي ٽيمن حصو ورتو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعليمي بورڊ جي نگراني هيٺ شهر جي آفيسر ڪلب ۾ پاڪستان انٽر بورڊ گرلس بيڊمنٽن چيمپئن شپ سال 2025ع جي رنگا رنگي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جو افتتاح تعليمي بورڊ لاڙڪاڻو جي چيئرمين خالد حسين مهر ڪيو جڏهن ته
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

چوهڙجمالي: انٽرنيشنل هيومن رائيٽس سوومينٽ جي صدر سڪينا سنڌو جو فائيل فوٽو

مٺي: بي اءِ ايف پي جو اڳواڻ ڪامريڊ سوروومل پيهل جو ديهانت ٿي ويو

مٺي (ٻر) پ ٽ اءِ جي پليٽ فارم تان ضلع ڪائونسل ٿرپارڪر جو ميمبر ٿيڻ بعد اڻان منحرف ٿي پ پ پ ۾ شموليت ڪندڙ بي اءِ ايف پي جو اڳواڻ ڪامريڊ سوروومل پيهل ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد ڪالهه 60 سالن جي عمر ۾ ديهانت ڪري ويو.

حڪومت يونيورسٽين ۾ ريسرچ ڪلچر کي فروغ ڏيڻ لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهي آهي: اسماعيل راهو

اسان چاهيون ٿا ته سنڌ جا نوجوان علم، جديد صلاحيتن ۽ تحقيق جي موقعن مان ڀرپور فائدو وٺن

شاگردن لاءِ جديد تعليمي سهولتن ۽ تحقيق کي متعارف ڪرايو ويو آهي: سکر ۾ ميڊيا سان ڳالهيون

سکر (بيورو رپورٽ) سکر هائوس ۾ صوبائي وزير يونيورسٽيز ۽ بورڊز جو شاندار استقبال تعليمي معيار جي بهتري تي جامع ڳالهه ٻولهه ان سلسلي ۾ سکر هائوس ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

باڦراڻي ۾ دڪان تي ويٺل واپاري ۽ سندس دوست کان اڍائي لک رپيا روڪ ۽ ٻيو سامان ڦر

بائي پاس ايئرپورٽ روڊ تي اڻڄاتل جوابدارن ان جي واپاري حفيظ الرحمان پٽي ۽ سندس جي دوست کان ڦرلٽ ڪئي

اطلاع تي ايس ايڇ او ۽ ڊي ايس پي پهچي واقعي جا تفصيل وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي

باڦراڻي (ن ع) باڦراڻي ٿاڻي جي حد اندر پيٽرول پمپ پرسان ايئرپورٽ تي قائم ان جي واپاري حفيظ الرحمان پٽي جي دڪان تي 3 موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻند ڦورن جي ڪاهه دڪان تي ويٺل واپاري ۽ سندس دوست اياز حسين شاهاڻي يرغمال ڦورن دڪان ۾ پيل روڪ رقم اٽڪل اڍائي لک ۽ موبائل فون ۽ پرس ۾ پيل اي ٽي ايم قومي شناختي ڪارڊ سميت پندره لک جو
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

باڦراڻي: واپاري کان ڦر واقعي بعد پوليس موبائل بيٺل آهي ٻئي طرف متاثر ڏانهيندي

سجاول ۾ سورج سجاولي جي جنم ڏينهن جي تقريب، لفظن جي ڀيٽا پيش

سجاول (ن ر) سجاول جو اديب شاعر سياسي سماجي اڳواڻ سينئر صحافي سورج سجاولي جي 53 هين جنم ڏينهن جي موقعي تقريب سرويچ سجاولي پبلڪ

حيدرآباد: ڀارت جي خلاف انڊين جهنڊي کي ساڙي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مورو ويجهو رٽائرڊ فوجي جوان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت

ڳوٺ مقيم ڏاهري واسي محمد ياسين ڪيريو ڪرنٽ ۾ فوت ٿي ويو

مورو (ن ع) ڳوٺ مقيم ڏاهري واسي رٽائرڊ فوجي جوان محمد ياسين ڪيريو بجلي جي ڪرنٽ ۾ فوت ٿي ويو جنهن جو لاش مقامي اسپتال ۾ آندو ويو جتي قانوني ڪارروائي پوري ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ته ڪهرام مچي ويو هر طرف روح راڙو پئجي ويو.فوتي جي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ ڪيو ويو سندس جنازي نماز ۾ مٽن سائٽن ڳوٺائن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

راضيديرو لڳ گهر ڊري ڪرڻ سبب معصوم ٻارڙي دٻجي فوت

نائڪ جي نگري ۾ ممتاز علي منگي جي 4 ورهين جي ڌيءَ فوت ٿي وئي

راضيديرو(ن ع) راضيديرو پرسان نائڪ جي نگريءَ فقير نائڪ يوسف اڳڙا لڳ ڳوٺائي ممتاز علي منگيءَ جي گهر ۾ ڦهرام مچي ويو جڏهن سندس جي گهر اندر لڳل ڊري اوچتو ڪرڻ ڪري وڃي ڇٽن سان جي معصوم نينگر حسنين منگيءَ ممتاز وڃي ڪري ته معصوم نينگر ڦلڏي تي فوت ٿي ويو اهڙي ڊڪ پرڻي واقعي ٿيڻ ڪري معصوم نينگر جي امڙ بيهوشيءَ واري
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

هالا: عورت مڙس جي زيادتين خلاف دانهين رهي آهي

بوزدار وڏا لڳ چور ڳوٺ جي ٽرانسفارمر مان سامان ڪڍي ويا

ڳوٺ سرائي نواب خاصخيلي جو ٽرانسفارمر لاهي چور قيمتي سامان ڪڍي کڻي ويا

ڳوٺاڻن پاران اعليٰ عملدارن کان ناچ ڪري جوابدارن کي گرفتاري ۽ بجلي بحالي جو مطالبو

بوزدار وڏا (ن ع) بوزدار وڏا پرسان رات دير سان نامعلوم چور ڳوٺ سرائي نواب خان خاصخيلي ۾ ڳوٺ جو بجلي جو لڳل 100 کي وي جو ٽرانسفارمر چوري لاهي قيمتي بش تيل ڪوائل ۽ ٻيو سامان چوري ڪري قرار ٿي ويا ۽ ٽرانسفارمر جو خالي کوکو ڇڏي ويا 10 کان وڌيڪ ڳوٺن جي بجلي بند اطلاع ملڻ تي بوزدار وڏا پوليس پهچي جاچ شروع ڪري ڏني ڳوٺاڻن پاران اعليٰ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ چپل گودام کي باهه ڪيترائي ريڙها ۽ لکين رپين جون چپلون سڙي ويون

پراڻي بس اسٽينڊ واري علائقي ۾ قائم چپل جي گودام کي اچانڪ باهه لڳي وئي

ڪنهن سان به دشمني ناهي، واقعي شفاف جاچ ڪري انصاف ڏنو وڃي: گودام مالڪ

لاڙڪاڻو(س ر) لاڙڪاڻي پراڻي بس اسٽينڊ واري علائقي ۾ چپل جي گودام کي اچانڪ باهه لڳي وئي، جنهن ۾ ويهه کان وڌيڪ ريڙهين ۽ لکين رپين جون چپليون سڙي ويون. گودام مالڪ وارث عليس شهيب علي عليس شڪيل احمد عليس عبدالقيوم عليو ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ويهن کان وڌيڪ ريڙهيون ۽ لکين رپين جو سامان سڙي ويو
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

رتيديرو ٽائون ڪاميٽي آفيس ٻاهران صحن لڳل وڻ انتظاميه ڪٽرائي ڇڏيا

شهرين پاران لکين رپين جي بجيٽ باوجود وڻ ڪٽرائي وڪرو ڪرڻ تي ڳڻتي جو اظهار

معاملي جي تحقيقات ڪرائي وڻ جي واڍي ۾ ملوثن جي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: رهواسي

رتيديرو(ن ع) رتيديرو ٽائون ڪاميٽي جي صحن ۾ بيٺل قيمتي وڻ ٽائون انتظاميا ڪٽرائي ڇڏيا جنهن بابت شهرين جو چوڻ هو ته حڪومت آلودگيءَ جي خاتمي لاءِ وڻ پوکڻ تي زور ڏئي رهي آهي ۽ هتي شهر جي وچ قائم ٽائون آفيس جي صحن مان وڻ وڍرائڻ ۽ ان جو ڪاٺ لکين رپين ۾ وڪرو ڪرڻ افسوسناڪ عمل آهي هتر وڌيڪ چيو ته ٽائون ڪاميٽي رتيديرو کي هر
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

فريدآباد لڳ عوامي پورهيت تحريڪ پاران مختلف علائقن ۾ تنظيمي دورا

فريدآباد، سيدپور ۽ وڏي بيٺل ۾ دورن دوران صحافين سان ملاقاتون ۽ عذرخواهيون

پاڪستان ۾ "مافيا راڄ" ۽ لاقانونيت لاڳو آهي: ايڊووڪيٽ غلام نبي ڪوسو

فريدآباد (ن ع) عوامي پورهيت تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ غلام نبي ڪوسو ايڊووڪيٽ اعظم خاصخيلي نالي واري اديب مخدوم عدنان مهيس ايڊووڪيٽ معشوق چانڊيوايڊووڪيٽ اعظم خاصخيلي ۽ ٻين پاران فريدآباد، سيدپور وڏي بيٺل ۽ ٻين ڳوٺن ۾ تنظيمي دورا ۽ عذرخواهيون ڪرڻ دوران صحافين سان ڳالهيون ان موقعي تي تنظيم جي مرڪزي صدر
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

جامشورو: سنڌ يونيورسٽي جي ڪرمنالاجي شعبي پاران ٿيل سيمينار ۾ اڳواڻ بيٺل آهن

لاڙڪاڻي ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ هاءِ ويز ايمپلائيز يونين جو مظاهرو، ڌرڻو

سوين ملازمن هٿن ۾ ڳاڙها جهنڊا کڻي سخت نعريبازي ڪندي آفيس اڳيان احتجاج ڪيو

سنڌ حڪومت ملازمن جي جائز حقن جي لتاڙ ڪري پنهنجي مطالبا منظور ڪيا وڃن: اڳواڻ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ هاءِ ويز ايمپلائيز يونين سي بي اي سنڌ طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ ريلي ڪڍي هاءِ ويز آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هاءِ ويز کاتي جي سوين ملازمن هٿن ۾ ڳاڙها جهنڊا کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي هاءِ ويز ايمپلائيز يونين سي بي اي سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ غلام رسول چجڙو
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: روڊ تي گندو پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

نوري آباد ويجهو مرحوم صحافي عبدالعزيز پالاري جو تيجهو، اهم شخصيتن جي شرڪت

اباڻي ڳوٺ بادل پالاري ۾ تيجهي ۾ عقيدتمند سياسي، سماجي، صحافتي اڳواڻن علائقائي ماڻهن شرڪت ڪئي

مرحوم هڪ سچو بيباڪ ۽ اصولن تي هلندڙ صحافي هو جنهن هميشه حق ۽ سچ لاءِ آواز اٿاريو: اڳواڻ

نوري آباد (ن ع) نوري آباد پريس ڪلب جي صدر صحافي عبدالعزيز پالاري جي لاڏاڻي بعد سندس تيجهي جي رسم اباڻي ڳوٺ بادل پالاري ۾ عقيدت ۽ احترام سان ادا ڪئي وئي جتي تعزيت لاءِ سياسي، سماجي، صحافتي ۽ علائقائي حلقن سان وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي تڏي تي جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو حيدرآباد پريس ڪلب جا سينيئر صحافي خالد ڪوکن لالا عبدالرحمان سمون سنڌ پالاري اتحاد جي اڳواڻ ڊاڪٽر انور
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

محنتي عورت استادن تي مذهبي نوعيت جا الزام بدقسمتي ۽ ناقابل قبول آهن: سڪينا سنڌو

ڪوڙن الزامن سان ادارن جي ساک متاثر ٿئي ٿي، استادن جو حوصلو به گهٽجي ٿو

سنڌ حڪومت کان شفاف جاچ ۽ لاڳاپيل استادن کي فوري تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو

چوهڙجمالي (ن ع) سجاول ضلعي ۾ انٽرنيشنل هيومن رائيٽس سوومينٽ (IHRM)جي رومين ونگ جي اڳواڻ سڪينا سنڌو ميرپور ساڪرو ۾ ٿيل هڪ ليڊي ٽيچر سان تازي واقعي تي سخت رد عمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته هڪ محنتي عورت استاد تي مذهبي نوعيت جو سنگين الزام هڻڻ نه رڳو بدقسمتي آهي پر ناقابل برداشت آهي جڏهن آئون پاڻ هڪ عورت استاد آهيان ، ۽ آئون پاڻ ڄاڻان ٿي ته اساز تعليم وانگر عظيم ميدان ۾ ڪيتري
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: رزيڊنٽس ڪميٽي جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

چوهڙجمالي ۾ ايگريڪلچر کاتي پاران هاري ڪارڊ ۽ ويٽ سپورٽ پروگرام تي آگاهي سيمينار

سنڌ حڪومت ننڍن آبادگارن ۽ هارين لاءِ ڪڻڪ جي پوکائي ۽ مالي مدد جو پروگرام شروع ڪيو آهي: ڊپٽي ڊائريڪٽر

سنڌ جي ننڍن آبادگارن ۽ هارين کي اي ٽي ايم ڪارڊ ۽ ابزي پڻما تحت ٻج ، ڀاڻ ۽ لفٽر مشين جي تيل جي مد ۾ مالي مدد ڪئي پئي وڃي

شاهبندر تعلقي ۾ ويٽ سپورٽ پروگرام تحت 800 کان وڌيڪ فارم ڀريا ويا، رقم جلدي منتقل ٿيندي

چوهڙجمالي (ن ع) ايگريڪلچر کاتي سجاول/ ٺٽو پاران سنڌ حڪومت جي زرعي شعبي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ننڍن آبادگارن ۽ هارين کي هاري ڪارڊ ۽ ڪڻڪ جي پوکائي لاءِ مالي امدادي رقم ڏيڻ بابت ڪميونٽي هال چوهڙجمالي ۾ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ايگريڪلچر کاتي سجاول / ٺٽو جي ڊپٽي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ميرپورساڪرو هيڊ ماستريائي کي معطل ڪرڻ تي شٽربند هڙتال، تعليم کاتي پاران ٻيهر انڪوائري جو فيصلو

شهر ۾ واپارين، شهرين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن دڪانون بند ڪري پرامن هڙتال ڪئي

هيڊ ماستريائي گلناز جوکيو جي معطلي ناانصافي آهي، شفاف ۽ غير جانبدار جاچ ڪئي وڃي: مظاهرين

صوبائي وزير تعليم سيد سردار شاهه رپورٽ تي عدم اطمينان جو اظهار ڪندي ٻه رڪني ليڊي ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي

ميرپورساڪرو (ن ع) گورنمنٽ گرلس هائي اسڪول ميرپورساڪرو ۾ هندو نياڻين کي زبردستي مذهب مٽائڻ وارو ماڻرو شهر ميرپورساڪرو ۾ اڄ واپارين شهرين سڄاڻ ڌرين ۽ سياسي سماجي ماڻهن ۽
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ميرپورساڪرو: شهرين پاران بند ڪيل دڪانن جو ڏيک

ٽنڊومحمدخان ۾ گهر تي قبضو، عورتن ۽ ٻارن تي تشدد، احتجاج

بشير جمالي ۽ ٻين هٿيارن جي زور تي گهر تي قبضو ڪري ورتو آهي:مظاهرين

ٿاڻي تي داخلا ڪرڻ باوجود پوليس ڪابه ڪارروائي ناهي ڪئي، انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ن ر) ٽنڊو محمد خان جي رائيل سٽي ڪالوني ۾ ذاتي ملڪيت واري گهر تي هٿياربندن جي قبضي دوران مردن عورتن معصوم ٻارن تي تشدد ، مارڪيٽ جي خلاف احتجاج ، اعليٰ اختيارين کان قبضو ختم ڪرائڻ تشدد جي واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان شهر جي رائيل سٽي ڪالوني ۾ بالادي برادري سان تعلق
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ پوليس جعمدار گل محمد عالماڻي بيماري سبب فوت ٿي ويو

مورو (ن ع) مورو تعلقي اندر موت جو راڪاس جاري وڌيڪ هڪ ڄڻو پوليس جعمدار گل محمد عالماڻي بيماري سبب فوت ٿي ويو اهڙي طرح مورو تعلقي اندر
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو لڳ قتل ٿيل شهيد صحافي طفيل رند ۽ ٻائيٽي رينا جا قاتل گرفتار نه ٿيا، ڌرڻو

مظاهرين نادر حيدراڻي، عبدالرشيد،غلام مصطفيٰ،اعجاز حيدراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ڌرڻو هنيو

قتل کي 2 مهينا گذري ويا آهن اڃا تائين قاتل گرفتار ناهن ٿي سگهيا جيڪا پوليس جي نااهلي آهي: مظاهرين

جلد کان جلد جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

ميرپورماٿيلو(ن ع) ميرپورماٿيلو جي شهيد صحافي طفيل رند ۽ سندس ٻائيٽي رينا جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سندس وارثن جي ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب ميرپورماٿيلو آڏو احتجاجي مظاهرو ڌرڻو شهيد صحافي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ويجهو بجلي جي ٿنڀي تان ڪرڻ سبب خانگي لائين مين سخت زخمي ،اسپتال منتقل

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ رحمت خان ڪبول ۾ 11 هزار وولٽيج جي ٿنڀي تان ڪرڻ سبب خانپورمهر واسي خانگي لائين مين بابل قاضي سخت زخمي ٿي پيوجنهن کي ڳوٺاڻن پهچي بيهوشي جي حالت ۾ تعلقي اسپتال پهچايو جتان حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري ڪيس گهوٽڪي اسپتال منتقل ڪيو
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان ڊي ايس پي هائوس تي سپاهي مبينا فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

سپاهي آفتاب جهتيال رائيفل جي فائر ڪري آپگهات ڪيو، پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي

سندس وارثن تصديق ڪري ڇڏي آهي گهريلو تڪرار سبب آپگهات ڪيو آهي:ممتاز خاصخيلي

ٽنڊو محمد خان(ن ر) ٽنڊو محمد خان جي ڊي ايس پي هائوس تي سپاهي آفتاب جهتيال مبينا طور رائيفل جي فائر سان پراسرار طور آپگهات ڪري ڇڏيو ، پوسٽ مارٽم ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي ڊي ايس پي سٽي جي هائوس تي مبينا طور 27 سالا سپاهي آفتاب جهتيال رائفل جي فائر سان آپگهات ڪري ڇڏيو ، سندس آپگهات واري واقعي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: اي پي پي مئنيجنگ ڊائريڪٽر محمد عاصم کچي وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي کي شيلڊ پيش ڪري رهيو آهي

مسوپرڳڙي ۽ ڀرپاسي منشيات جو ڪاروبار عروج تي، رهواسين جو احتجاج

منشيات جي هن غيرقانوني واپار بابت ڪيترائي ڀيرا انتظاميا کي آگاهه ڪيو ويو آهي

پوليس صرف ڀتي وصولي تائين محدود آهي، اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺن: مظاهرين

مسوپرڳڙي (ن ع) ضلعي حيدرآباد جي ٿاڻي چلگري جي حدن ۾ اينڊڙ شهر مسوپرڳڙي ۾ منشيات جي کلي عام وڪرو تي مقامي آبادي شديد پريشاني جو شڪار احتجاج تفصيل موجب، باٿر ڌرين طرفان نشي آور سپاري "Z-21" "سفينا ۽ مٽن پڙي جو بي خوف ڪاروبار جاري آهي جنهن سبب نوجوان نسل تيزي سان هن لعنت جو شڪار ٿي رهيو آهي مقامي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: شهرين کي ڦريندڙ گرفتار ٿيل عورتن جو گروهه

سکر شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني کي يقيني بڻائڻ ضلعي انتظاميا جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي: ڊي سي سکر

سکر(بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي صدارت هيٺ سکر شهر ۾ وڌندڙ ٽريفڪ مسئلن ۽ شهرين کي پيش ايندڙ ڏکيائين جي حل بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي سارہ فراز اسسٽنٽ ڪمشنر
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

چناب ندي تي نئين ڊيم جي تياري سنڌ خلاف سازش آهي: عوامي تحريڪ

پيپلز پارٽي 28 هين آئيني ترميم وسيلي سنڌ کي ورهائڻ جي سازش ڪري رهي آهي

عوامي تحريڪ پاران 21 ڊسمبر تي لاڙڪاڻي ۾ وڏي احتجاجي ريلي جو اعلان

ٺٽو (ن ر) عوامي تحريڪ جي مرڪزي سينيئر نائب صدر نور احمد ڪاتيان مرڪزي اڳواڻ عبدالقادر رانٽي گهنور خان زئنون منا خان لاشاري، درياءُ خان زئنون مارو خشڪ، غلام علي زئنور ۽ عادل لاشاري ٺٽي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته چناب ندي تي نئين ڊيم جي تياري سنڌ لاءِ سنگين خطرو آهي سنڌو تي ڪو به ڊيم يا ڪئنال آبي دهشتگردي آهي اڳواڻ
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۽ ڀرپاسي ۾ بدامني چوٽ چڙهيل چوري ۽ ڦر جون ٻه وارداتون

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۽ ڀرپاسي ۾ بدامني ، دادو پوليس پاران ڪيل "الميزان" آپريشن ڪانپوءِ ٻه ڌوڙهاري ٻيهر سرگرم ٿي ويا جنهن سبب ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ۾ چوري
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سنڌ يونيورسٽي ۾ "سنڌ انڊر ڦرن، ڌاڙن ۽ ڌوهن تي عوامي سرينڊر پاليسي" بابت اهم سيمينار

ڌوهن ۾ واڌ جو سبب ڳوڻائو سماجي ڍانچو، معاشي اڻبرابري، تعليم جي ڪوٽ قرار

يونيورسٽي جپ ڪرمنالاجي شعبو پوليس يا قانون لاڳو ڪندڙ ادارن وانگر سڌو آپريشن نٿو ڪري: وائيس چانسلر

اهو شعبو علمي تحقيق، ٽريننگ، سائنٽيفڪ اينالسز ۽ ماهرانه رهنمائي ذريعي اهم مدد فراهم ڪري ٿو

شاگردن کي رڳو نظرياتي تعليم نه پر عملي ميدان ۾ ڪم ڪرڻ جي تربيت ڏيڻ اسان جو عزم آهي: خطاب

جامشورو (ن ر) سنڌ يونيورسٽي جامشورو جي ڪرمنالاجي شعبي جي ميزباني هيٺ "سنڌ انڊر ڦرن، ڌاڙن ۽ ڀهراڙين ۾ ڦيندڙ ڌوهن تي عوامي سرينڊر پاليسي ۽ ڪنٽرول" جي سري هيٺ هڪ اهم علمي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

رتيديرو: ٽائون ڪاميٽي آفيس ٻاهران ڪٽيل وڻن جو ڏيک

لاڙڪاڻي ۾ نوجوان شاگرد جو مارڪيٽ پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ڪوٽر مل پاڙي جي رهواسي نوجوان شاگرد طرفان مارڪيٽ پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ نائين جماعت جي شاگرد ذوالفقار علي جروار
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڪراچي سنڌ جو روح آهي، ڪنهن به قيمت تي ڌار ٿيڻ نه ڏينداسين: اياز پليجو

ايم ڪيو ايم ڪراچي کي ڌار ڪري نئون اسرائيل ناهڻ چاهي ٿي

جيڪڏهن هٿ چراند ڪئي ويئي ته ڪراچي کان ڪشمور تائين روڊ بند ڪري ڇڏينداسين

ماتلي (ن ع) قومي عوامي تحريڪ جي ماتلي جي ڳوٺ عرس لغاري ۾ 27 هين آئيني ترميم خلاف ٿيل جلسي کي خطاب ڪندي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ اياز لطيف پليجو خطاب ڪندي چيو آهي ته ايم ڪيو ايم ڪراچي کي ڌار ڪري نئون اسرائيل ناهڻ چاهي ٿي ڪراچي سنڌ جو روح آهي اهي ان جي تحفظ لاءِ سنڌي ماڻهون وڙهندو ڪراچي جي تحفظ لاءِ سنڌ
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد پوليس جون ڪارروايون، منشيات هٿ، 3 جوابدار گرفتار

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري 3 جوابدار گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي پوليس ترجمان جي جاري ڪيل پڌرنامي ۾ چيو ويو ته ٽنڊو يوسف پوليس جوابدار جنيد عرف پولو کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 510 گرام
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ ڪمند جو اگهه 600 رپيا مقرر نه ڪرڻ خلاف سنڌ ۽ پنجاب جي آبادگارن جو احتجاج

مظاهرين جام غلام حسين انڙ، محمد راجا چانگ، محمد حسن ،علم الدين ،نواب علي چاچڙ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

28 نومبر تي اسان سنڌ ۽ پنجاب جا آبادگار ملي ڪري ڊي سي آفيس اڳيان پرامن احتجاج ڪنداسين: مظاهرين

جائز مطالبا منظور نه ڪيا ته ٻي مرحلي ۾ اسان شگر مل جا گيٽ ۽ نيشنل هاءِ وي بند ڪنداسين

ميرپور ماٿيلو (ن ع) گهوٽڪي ۾ ڪمند جو اگهه 600 رپيا مقرر نه ڪرڻ خلاف سنڌ ۽ پنجاب جي آبادگارن پاران پهرين مرحلي ۾ ڊي سي آفيس گهوٽڪي اڳيان ڌرڻو
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: حيدر چوڪ تي گاڏين جي رش نظر اچي رهي آهي

پنوعاقل ۾ تنوير عباسي جي 26 هين ورسي جي مناسبت سان تقريب، لفظن جي ڀيٽا پيش

سکر(بيورو رپورٽ) نامياري شاعر عبدالرحيم عزمي چيو آهي ته تنوير عباسي شاعريءَ ۾ خوبصورت رنگ سمايا آهن ، تنوير عباسي جماليات جو شاعر هو ، جنهن جي شاعريءَ ۾ سنڌ ۽ فطرتي سونهن جا منظر پسي سگهجن ٿا . هو تنوير عباسي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ميئر جي علائقي ۾ معصوم نينگري کليل گٽر ۾ ڪري پئي

اوبي ايف ڪالوني مين گيٽ اڳيان کليل گٽر ۾ 8 سالن جي بختاور عمراڻي راند ڪيڏندي ڪري پئي

ٻارڙي جي ڳولا جاري، نياڻي جي ماءُ پيءُ جو انتظاميا خلاف احتجاج ڳولا ۾ مدد جي اپيل

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي ميونسپل ڪارپوريشن جي ڪروڙن جي بجيٽ هوندي به شهر جا کليل کوني گٽر بند نه ٿي سگهيا، ميئر جي پنهنجي علائقي پرسان اوبي ايف ڪالوني جي مين گيٽ اڳيان گٽر کليل معصوم نينگري 8 سالن جي بختاور عمراڻي راند ڪيڏندي کليل گٽر ۾ ڪري پئي ڳولا جاري آهي اڻ موقعي تي ماءُ پروين بيءُ خمسو خان
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر مسعود احمد عمراڻي جي ياد ۾ ميڙاڪو، لفظن جي ڀيٽا پيش

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ ڪلچرل فورم پاران سڪرنڊ پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر مرحوم مرحوم مسعود احمد عمراڻي جي ياد ۾ نور آرٽ آشرم تي سندس صحافتي ۽ سماجي خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوار آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج ڪندي

لاڙڪاڻي ۾ ڏوڪري جي رهواسين جو پوليس ۽ ٻاڙين جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ مگسيائي جي رهواسين طرفان پوليس ۽ ٻاڙين جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻي قربان علي ميمڻ
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.